آفتاب ابڙو

# موجوده عربي - سنڌي لپيءَ جو تنقيدي اڀياس


## Abstract

*The present Arabic – Sindhi script was formed in July 1853 on the recommendations of the "Board of Directors, East India Company", London. They directed Bombay Government, India, that "keeping in view the socio-political background submitted by Commissioner in Sindh, Arabic-Sindhi script would be better for Sindh Region. However, the original script of region "KHUDAWADI" should be considered carefully. In this connection a committee should be constituted consisting of European Linguists & scholars and a few members from the region.*

*The, then Commissioner of Sindh Sir Bartal Frere sent recommendations to Mr. B.H. Ellis, Assistant Commissioner, incharge of the education in Sindh.*

*It may be pointed out that the issue of script was initiated by Mr. Rath Borne, Collector of Hyderabad in 1845. He wrote a letter to the Indian Government to provide him 3000 annual grant for the establishment of schools in district premises. Subsequently he was asked how much teachers were available for teaching on modern lines, for which, he could not reply because such teachers were not available in the region, who could teach the regional language, Sindhi.*

*It may be mentioned here that like other regions of the sub-continent, Sindhi was made the official language of Sindh Province in early days. In this regard Mr. George Clerk Governor, Bombay Presidency issued a notification in April 1848 that: "We should introduce the language of the country (namely Scendhee) as medium of official intercourse. I do not see in what way our revenue and judicial officers (however their offices and courts may be continue) can work effectively through a foreign medium of communication such as Persian or English. A period of 18 months should therefore, be allowed to the officers on civil employment to equality themselves for an examination in Sendhee language".*

*Following the instructions of British Government, George Stack started work on compilation of English-Sindhi Dictionary and composition of "Sindhi grammar". He submitted both books to the government for publication, which were published in the year 1849. Both the books were written in Khudawadi/Devnagri script. This was the main cause that Mr. Pringle, the Commissioner in 1850 proposed this script for official use in Sindh.*

*Meanwhile, another European scholar and Historian Mr. Richard Burton wrote a comprehensive book titled "Sindh and the races that Inhabit in the Valley of Indus" 1851, containing history, culture, geography, agriculture and economy with special references to education. In this chapter he described the 7 scripts which were being used in Sindh. He proposed that since the population of Sindh consists more than 70 percent Muslims. Muslims would not like*


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

*to adopt Hindi/Devnagri script at all. Therefore, NUSKHI-SINDHI may be adopted.*

*When Mr. Ellis H.B. was asked to finalize Arabic-Sindhi script with the help of the above mentioned committee, he avoided to form any such committee. According to him: "The appointment of such a committee was at the time practically impossible as the officers best acquainted with Sindhee were either absent from Sindh, or in different parts of the province, and could not easily he brought together. The suggestion was therefore laid aside.*

*"I confess that this result is not much to be regretted, as such committee could only have ended in disappointment. The members would not have agreed. They would have written long minutes and would have argued with one another. The controversy would have been renewed and with but a poor chance of any new light being thrown upon a subject already ably and exhaustively discussed by captain Stack and Burton, whose knowledge of the language probably exceeded that of any one who could have been on committed.*

*)Paras 40 and 41 from report on education by B.H. Ellis to Frere Commissioner in Sindh)*

*However, while forming Arabic-Sindhi script Mr. Ellis could not find the principles and ways of dotting on the basic Abrabic letters. He has confessed the same in the preface of captain stack's "Sindhi Grammar", 1849.*

**تاريخي پسمنظر** ۾ اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته، سومرن ۽ سمن جي دورن ۾ جيتوڻيڪ سرڪاري ٻولي ته عربي هئي، پر حاڪمن پاران دربار توڙي عام وهنوار ۾ سنڌي ٻوليءَ کي هٿي وٺرائي ويئي. باقي ان جي هٿي وٺرائڻ ۽ پڪيڙڻ لاءِ ڪي به ٺوس اپاءَ نه ورتا ويا، جڏهن ته ڌارين ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دورن ۾ شعوري طور فارسي ٻوليءَ جي ترقي، تعمير، نفاذ ۽ ڦهلاءَ لاءِ هزارين حيلا هلايا ويا. سرڪاري ڪارندن کي تاڪيد ڪيل هوندو هو ته، هو خوشخطيءَ ۾ درست نموني هر شيءِ جي داخلا ڪن، جن جا اکر سٺا نه هوندا هئا ته انهن کي خوشخطيءَ جو ڪورس ڪرايو ويندو هو. ابتدائي توڙي اعليٰ تعليم جا نصاب مقرر ڪيل هئا. انهن لاءِ باقاعده مدرسا ۽ مڪتب مقرر ٿيل هئا، جتي استادن کي پگهارون ۽ ٻيا انعام اڪرام ملندا هئا. عام ماڻهن کي فارسي پڙهڻ جي ترغيب ڏيڻ لاءِ "فارسي گهوڙي چاڙهسي" جا عملي محاورا موجود هوندا هئا. ملڪي سڄو ڪار وهنوار فارسيءَ ۾ هلندو هو. ڪنهن کي ڪا شڪايت ڪرڻي هوندي هئي ته اهو فارسيءَ ۾ درخواست لکرائيندو هو، جنهن لاءِ عدالتن توڙي عام رواجي سرڪاري دفترن آڏو مُنشي ۽ عامل ويٺا هوندا هئا، جيئن هينئر به ڪورٽن توڙي ڊي سي او آفيسن آڏو بابو بينچ تي ٽائيپ رائيٽر رکي ويٺا هوندا آهن.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سرڪاري دفترن توڙي درٻارن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن تي ٽنوليون ڪندا هئا. عام ماڻهن جو ڪو داد فرياد ڪونہ هو، ان ڪري عام خلقت سرڪاري ڪمن ڪارين کان بيزاري ڏيکاري بن منهن ڪيو، پنهنجي ليکي زندگي پئي بسر ڪندي هئي. اُپت جا ذريعا گهٽ هئا، ان ڪري حال تي راضي رهي صبر ۽ شڪر سان زندگي گذاريندي هئي. ڳوٺ ۾ موجود سيد، حاجي، عالم توڙي وڏيري جي صلاح مصلحت سان، عام جهيڙن جهٽن فساد بابت فيصلا ٿيندا هئا. ماڻهو لکئي جو ليک سمجهي، نہ تہ ڪنهن کي ميار ڏيندا هئا، نہ ڪنهن سان شڪايت ڪندا هئا. اهي دور هئا، جن ۾ سنڌي ماڻهو سرڪاري ڪاروهنوار کان ونءُ ويندا هئا.

90 سيڪڙو سنڌي ماڻهو ڳوٺن ۾ آباد هوندا هئا، ڇني ڇماهي ڪو شهر ڏانهن ڪنهن مجبوريءَ سبب سندن وڃڻ ٿيندو هو، نہ تہ غريب امير سڀ ڳوٺن ۾ پنهنجيءَ مان پوري ڪري پيا وقت گذاريندا هئا. ڪو بنھ غريب هوندو هو تہ ان کي الله جي نالي جي بہ وقت مفت ماني گهر ويٺي ڏيندا هئا. البت سنڌي هندن جي حالت ڪجھ اور هئي. هڪ تہ هنن جي ڪرت وڻج واپار هوندي هئي، ان ڪري هو شهرواسي هوندا هئا. ٻيو تہ انهن مان ڪي پڙهيل عامل سرڪاري نوڪرين ۾ هوندا هئا. سندن ڪارپت تمام سٺي هوندي هئي. ڪاروبار توڙي عام وهنوار ۾ ڪُپت ڪونہ ڪندا هئا، ان ڪري حاڪمن وٽ معززين ۾ شامل هوندا هئا. ڪلهوڙن توڙي ٽالپرن جي حڪومتن ۾ سندن اهم ڪردار هوندو هو. مالي معاملا هو سنڀاليندا هئا. ڪوٽ ٽوٽ ۾ حاڪم کانئن قرض وٺندا هئا. ٻاهرين فردن سان لک پڙھ جو ڪم بہ سندن حوالي هوندو هو. اڳتي هلي جڏهن انگريزن جو دور آيو تہ پوءِ سماجي ڦرڪو ڦريو. ننڍن شهرن ۾ بہ اسڪول ۽ ڪاليج کليا، جتي عام سنڌي مسلمان بہ تعليم حاصل ڪرڻ لڳا. انگريزن جي دؤر جي پهرين ٽن ڏهاڪن ۾ صورتحال ئي تبديل ٿي ويئي، سرڪاري اسڪولن ۾ مسلمانن جو انگ وڌڻ لڳو.

انگريزن جي حڪومتي چال ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ جو اثر سڄي ننڍي کنڊ سان گڏ سنڌ تي بہ پيو. انگريزن هندن تي هٿ رکيو ۽ مسلمانن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ روا رکيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ سماجي طور سنڌ ۾ واضح بہ ڌريون ٿي پيون، هڪ مسلمانن جي ٻي هندن جي. وڏي شاطرانہ انداز ۾ انگريزن منجهن معاشي، سماجي ۽ مذهبي ٽڪراءَ اپاريا، جن جو اثر زندگي جي اٽڪلين شعبن تي پيو. ڪاروبار

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏار ٿي ويا، اسڪول ڏار ٿي ويا، ريتون رسمون ڏار ٿي ويون. سياسيءَ سماجي تنظيمون ڏار جڙي ويون، جن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ الڳ الڳ اخبارون ۽ رسالا جاري ڪيا ويا. جن علمي ۽ فڪري محاذ تي پاڻ ۾ ويڇا وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان دوران مسلمانن کي بہ جوش جاڳيو، هنن انگريز حڪومت جو ۽ انهن پاران جاري ڪيل قاعدن قانون جو بائيڪاٽ ڪيو. مسلمانن کي يڪجاءِ ڪرڻ لاءِ طرحين طرحين جون تحريڪون هلايون ويون. ان حد تائين جو ميهڙ شهر ۾ جلسو ڪري شمس الدين بلبل پنهنجي شيرواني نيلام ڪري حاصل ٿيندڙ رقم مان ترڪيءَ ۾ هلندڙ خلافت تحريڪ جي مدد ڪرڻ تي گهري! اهڙي طرح رئيس جان محمد جوٽيجي پنهنجو ۽ پنهنجن ويجهن عزيزن ۽ دوستن جو ارڪو ترڪو نيلام ڪري، سڄي ٽرين ڀاڙي ڪري لاڙڪاڻي مان ماڻهو تيار ڪري، افغانستان وڃي جهاد ڪيو. اهي اهڙا موڙ هئا، جن سنڌ جي گڏيل سماجي سرشتي ۾ وڏو ڏقيڙ پيدا ڪيو. هندن بہ حد ڪري ڇڏي، پنهنجن دڪانن تي مسلمانن لاءِ الڳ ٿيپون (گلاس) رکيا. ساڻن اَڇوتن وارو سلوڪ ڪيو . ان نفرت جو انجام مسجد منزل گاهہ وارو واقعو آهي، جنهن سبب ناحق سنڌ ۾ خون خرابو ڪرايو ويو ۽ سنڌ ۾ ورهاڱي لاءِ ماحول پيدا ڪيو ويو. ان ورهاڱي سنڌ جي هزارين سالن جي ايڪتا واري صورتحال کي ڀاڱا ڀاڱا ڪري ڇڏيو. سڄي نندي ڪنڊ ۾ وڏي ۾ وڏو هاڃو سنڌ کي رسيو. اهي درد جا داستان ڪيترن ئي ڪتابن ۾ درج ٿيل آهن، ان ڪري انهن کي هتي نٿا ورجايون.

هاڻي وري اچون ٿا، صورتخطي جي صورتحال تي: انهن ويڇن ۽ ذهني افراتفريءَ واري ماحول ۾، صورتخطي لاءِ سرڪاري طور تي انتهائي بي دليو ڪم ٿيندو رهيو. جيئن تہ گڏيل هندستان لاءِ انگريز سرڪار هڪ پاليسي جوڙي هئي تہ هر پرڳڻي لاءِ اتان جي مقامي زبان کي هتي وٺرائي ويندي،ان فيصلي موجب سنڌ ۾ سنڌي ٻولي رائج ڪرڻ لاءِ سرڪاري طور 1848ع ۾ اعلان ڪيو ويو تہ پرڳڻي جي سرڪاري زبان ”سنڌي“ هوندي.

> We should introduce the language of the Country (namely Scindhee) as medium of official intercourse. I do not see in what way our revenue and judicial officers (however their offices and courts may be continued) can work effectually through a foreign medium of communication, such as Persian or English. A period of 18 months should

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

therefore, be allowed to the officers in civil employ to qualify them selves for an examination in scindhee language. (1)

اڳتي هلي سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر مارچ1851ع ۾ هڪ پڌرائي جاري ڪئي، جنهن موجب پر ڳٽي ۾ ڪم ڪندڙ پرڏيهين کي ٻہ ڇهن مهينن جو هڪ ڪورس ڪرڻو پوندو. جيڪي ماڻهو اهو سنڌي ٻوليءَ بابت بنيادي ڪورس نہ ڪندا، تن جي ساليانو انڪريمينٽ روڪي ويندي. البت جيڪي ماڻهو اهو ڪورس سٺن نمبرن سان پاس ڪندا تہ اهڙي داخلا سنڌن سروس بوڪ ۾ ڪئي ويندي ۽ ڪين واڌو انڪريمينٽ ۽ گريڊ مطابق ترقي پڻ ڏني ويندي.(2) ان سرڪاري پڌرائيءَ جو تمام سٺو اثر پيو. سنڌ ۾ ٻاهرين پرڳڻن، بنگال، مدراس،. ميرٺ، آسام، بهار وغيره جا رهاڪو سرڪاري نوڪرين ۾ ڪم ڪندا هئا، تن سنڌي ٻوليءَ طرف جوڳو ڌيان ڏنو ۽ سنڌ ۾ سرڪاري ڪمن ڪارين ۾ دلچسپي ورتي. تاريخ ۾ پهريون ڀيرو عام ماڻهن جي اهنجن ايذائن کي سندن ٻوليءَ ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. ان سان گڏ انگريز حاڪمن ۾ بہ سنڌي سکي ورتي، جنهن جا سٺي حڪمراني (Good Governance) تي سٺا اثر پيا. اهو خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ لپي ٺهڻ کان اڳ ئي سوين سرڪاري عملدارن ڳالهائڻ جي حد تائين سنڌي سکي ورتي هئي. البت صورتخطي واري معاملي تي مقامي ماڻهن سان صلاح مصلحت نہ ڪرڻ ۽ مقامي ماڻهن جي ان مامري بابت خاص دلچسپي نہ هئڻ سبب اهو مسئلو، جيڪو وڏ ۾ وڏ سال ڏيڍ ۾ حل ٿي وڃڻ گهرجي ها، ڏهن سالن تائين مختلف عملدارن وٽ رلندو رهيو.

## صورتخطيءَ لاءِ هلچل ڪيئن پيدا ٿي؟

### سنڌ ۾اسڪولي نظام جي ابتدا :

سنڌ ۾ ٿوري ئي عرصي ۾ انگريز عملدارن کي پنهنجي روزمره جي ڪم ڪار اڪلائڻ ۾ مشڪلاتون پيش اچڻ لڳيون، جو هو عام ماڻهن جي ۽ عام ماڻهو سندن ٻولي سمجهي نٿي سگهيا، ان ڪري سخت ضرورت محسوس ڪئي ويئي تہ هتي اهڙا اسڪول کوليا وڃن، جن ۾ سنڌي ۽ انگريزي تعليم ڏني وڃي تہ جيئن حڪمرانيءَ جي وهنوار کي اثرائتي نموني هلائي سگهجي. وقتي طور هنن هڪ طريقو اهو ڳولي ورتو، جو مرائي، مدراسي ۽ ڪجهہ هندو ماڻهن، جن کي ٿورن گهڻي انگريزي آئي ٿي،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

انهن جي ٿياڪڙيءَ سان ڪاروهنوار هلايائون. ان وچ ۾ ڪيترائي انگريز عملدار به سنڌي سکي ويا، ڪيپٽن اسٽئڪ ته همت ڪري ٻن سالن اندر نه صرف سنڌي سکي ويو، پر 1845ع ۾ سنڌيءَ جو گرامر به تيار ڪيائين ۽ ٽن سالن جي لڳاتار محنت ۽ مڪاني ماڻهن جي سهڪار سان هڪ "انگريزي -سنڌي" ڊڪشنري به تيار ڪري ورتائين، ٻئي ڪتاب سرڪاري خرچ تي 1849ع ۾ ڇپيا.

حيدرآباد ضلعي جي ڪليڪٽر ڪيپٽن راٿ بورن (Roth Borne)ڪي شاٻس هجي، جنهن 1845ع ۾ انڊيا حڪومت کي خط لکي زور ڀريو ته 3000 رپيا ساليانو گرانٽ منظور ڪئي وڃي ته جيئن حيدرآباد شهر ۾ اسڪول قائم ڪري سگهجن. (3) ڪانئس پڇيو ويو ته مڪاني ماڻهن کي جديد تعليم پڙهائڻ لاءِ ڪيترا استاد موجود آهن؟ جنهن جو هو ڪو خاطر خواهه جواب ڏئي نه سگهيو. البت ايترو سو ٿيو، جو بحث لاءِ هڪ نئون موضوع ڇڙي پيو. ڪجهه ايڪڙ ٻيڪڙ استاد تيار ڪيا ويا، پر وري نصابي ڪتابن جي مسئلي ڪر ڪنيو، جنهن سرڪار کي مُنجهائي ڇڏيو.

انگريز عملدار جيڪي پرڳڻي ۾ ، آبپاشي، زراعت، ٻيلن ۽ امن امان تي ڪجهه وڌيڪ ڌيان ڏيئي رهيا، سي سخت مونجهاري جو شڪار ٿيا. هنن محسوس ڪيو ته مڪاني ماڻهو ڪانئن نفرت ڪن ٿا ۽ وٽن ويجهو اچڻ کان ڪيٻائين ٿا. انگريزن گهريو ٿي ته ڪنهن طريقي سان هتان جي ماڻهن تي هٿ رکي، حڪومت جو چرخو هلائجي. ان لاءِ وڏي ويچار ۽ تدبر کان ڪم وٺندي فيصلو ڪيو ويو ته مڪاني زبان سنڌيءَ کي ترقي وٺرائجي ۽ فارسيءَ جي مشهور چوٽي "زبان شيرين ملڪ گيري" تي عمل ڪجي. ان حڪمت عمليءَ تي عمل ڪندي ۽ بمبئي سرڪار جي هدايتن جو اثر وٺندي، سربارٽل فيريئر، سنڌ ۾ سرڪاري طور سنڌي ٻولي جي نفاذ لاءِ عملي اپاءَ ورتا، جنهن تحت سرڪاري ملازمن کي ساليانو انڪريمينٽ جي آچ پڻ ڏني ويئي. فيصلو ته سنو ٿيو، پر ان سان ڪافي ٻيا مسئلا اٿي ڪڙا ٿيا. هڪ ته لپيءَ جي مسئلي شدت اختيار ڪئي، جو ڪيپٽن اسٽئڪ جي ديوناگري خط ۾ ٻن ڪتابن جي اشاعت ڪانپوءِ سرڪاري سطح تي اهو سمجهڻ ۾ ٿي آيو ته سنڌي ٻولي ان طرح لکي ويندي آهي. سنڌ جي ڪمشنر مسٽر پرنگل سن 1849ع ۾ اهڙو اعلان به ڪري ڇڏيو ته سنڌي لاءِ ديوناگري لپي استعمال ڪئي وڃي.(4) ٻئي طرف ساڳئي حيثيت ۽ علمي مايي جو ماڻهو ڪيپٽن رچرڊ برٽن جيڪو روينيو کاتي ۾ ڪم ڪري رهيو هو، ان وڏي پيماني تي هلچل



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هلائي تہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ”عربي- سنڌي“ صورتخطي مناسب آهي. رچرڊ برٽن سنڌ جي باري ۾ هڪ تفصيلي ڪتاب Sindh and the races that inhabit in the valley of Indus 1851۾ لکيو، جنهن ۾ هن سنڌي سماج، ان جي بيهڪ، تعليمي نظام، رائج سنڌي اسڪرپٽ ۽ انهن جي خوبين ۽ خامين تي تفصيلي چند چاڙڪان پوءِ نسخي خط، جيڪو هن وقت اسان استعمال ڪري رهيا آهيون، ان جي ڀرپور وڪالت ڪئي. بهرحال ٽن سالن جي لڳ ڀڳ پڙهي ۽ وڏن بحث مباحثن، جنهن جا ثبوت آرڪائيوز ڪاتي ۾ فائيلن جي صورت ۾ موجود آهن، ڪان پوءِ آخر فيصلو ٿيو تہ آزمائشي طور عربي- سنڌي رسم الخط جاري ڪيو وڃي ۽ جيڪي اسڪول ديوناگري خط اختيار ڪن، انهن کي بہ آزادي هئڻ گهرجي. سنڌي اسڪرپٽ تي بحث هلي رهيو هو تہ تہ ان وچ ۾ ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر ڪيپٽن پريڊي هڪ اڇرج وارو فيصلو ڪيو. هن ڇا ڪيو جو پنهنجي ڪچهري ڪمپائونڊ ۾ ”ڪراچي فري اسڪول“ قائم ڪيو. اسڪول جي عمارت 1846ع ۾ 6200 رپين ۾تيار ٿي. 75-1874ع ۾ان جا ٻہ وڌيڪ بلاڪ ٺهرايا ويا، جن تي 23400 رپيا خرچ آيو، جيڪو بمبئي گورنمينٽ، ڪراچي ميونسپالٽي ۽ ڪجھ سخي مردن ڀريو.

اسڪول هلائڻ لاءِ ڪيپٽن پريڊي هڪ ڪاميٽي جوڙي، البت هن هڪ اهو شرط رکيو تہ اسڪول ۾ انگريزيءَ سان گڏ عيسائيت جي تعليم بہ ڏني ويندي ۽ انجيل مقدس جي تعليم کي عام ڪيو ويندو. 1853ع ۾ اهو اسڪول ساڳين شرطن تي سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فيريئر ”چرچ مشن سوسائٽي“ جي حوالي ڪيو، جيڪو شايد اڃا تائين نشتر روڊ تي قائم آهي. قائداعظم پڻ ان اسڪول مان تعليم ورتي. چرچ مشن سوسائٽي ڪراچيءَ ۾ 1859ع ۾ ٻہ ٻيا هاءِ اسڪول کوليا: هڪ ”سينٽ پيٽرڪ“ ٻيو ”سينٽ جوزفس“ جنهن کي 1972ع ۾ قومي ڌارا ۾ ورتو ويو ۽ وڏي وزير ارباب رحيم واري حڪومت جي هڪ فيصلي مطابق 2005 ۾ اهي ٻئي اسڪول ساڳئي سوسائٽي حوالي ڪيا ويا، جڏهن تہ سوسائٽي طرفان 1866ع ۾ ڪياماڙي، منهوڙي ۾ پڻ مشنري هاءِ اسڪول قائم ڪيو ويو. (5)

سال 1853ع ۾ بندر روڊ تي هڪ ٻيو هاءِ اسڪول کوليو ويو، جيڪو پوءِ ڊپٽي ايجوڪيشن انسپيڪٽر نارائڻ جڳنات وديا جي نالي منسوب ڪيو ويو، جيڪو هاڻي N.J.V. اسڪول سڏجي ٿو. ساڳي طرح ڪيپٽن گولڊ سمٿ جي ڪوشش سان شڪاپور

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾ پڻ 1853ع ۾ انگريزي پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو. حڪومت 1858ع ۾ حيدرآباد ۾ پهريون هاءِ اسڪول قائم ڪيو. جيڪو پوءِ ”مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي“ جي حوالي ڪيو ويو ۽ اسڪول جو نالو نور محمد هاءِ اسڪول رکيو ويو. 1858ع ۾ ئي سکر ميونسپالٽي مڊل اسڪول قائم ڪيو ۽ لاڙڪاڻي ميونسپالٽي 1876ع ۾ مڊل اسڪول کوليو، جن کي پوءِ هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو. اهڙين سرگرمين کي ڏسي، بمبئي بورڊ آف ايجوڪيشن سنڌ ۾ وڌيڪ تعليمي ادارن جي قيام ۽ انتظام بابت فيصلو ڪيو. هوڏانهن ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن جولاءِ 1853ع ۾ فيصلو ڪيو ته صوبي ۾ سنڌي ٻولي رائج ڪئي وڃي. ان لاءِ استادن ۽ درسي ڪتابن جو بندوبست ڪيو وڃي. جنهن لاءِ مسٽر فيريئر فوري طور فيصلو ڪري، تعليم جو انچارج مسٽر ايلس برو (Ellis Barrow) کي بڻايو ۽ ان مقصد لاءِ 10,000 رپيا مخصوص ڪيا. مسٽر ايلس برو انتهائي چابڪدستيءَ سان ڪم کي لڳي ويو.

مسٽر ايلس پنهنجي ٻوليءَ کي ترجيح ڏيندي، مليل فنڊ مان آڪٽوبر 1855ع ۾ ڪراچيءَ ۾ انگريزي ميڊيم اسڪول کوليو، جنهن ۾ 68 شاگردن داخلا ورتي، تن ۾ ڪي ٽي چار شاگرد سنڌي هئا. ان فنڊ مان حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ انگريزي اسڪولن لاءِ عمارتون منظور ڪيون ويون، جڏهن ته سنڌي اسڪولن لاءِ مختلف شهرن ۾ 12 ننڍيون عمارتون اڏاوت لاءِ منظور ڪيون ويون. اهڙي طرح ڪن شهرن ۾ وري ٻين مڪاني فنڊن جي وسيلي اسڪولن جي عمارتن ناهڻ جي رٿا تيار ڪئي ويئي، جن لاءِ مڪاني ماڻهن حڪومت سان سٺو سهڪار ڪيو. جيئن جيئن نوان اسڪول کلندا ٿي ويا ته استادن جي کوٽ محسوس ٿيڻ لڳي. شروعاتي طور ڪن گجراتي، مرهٽي ۽ بمبئي کان آيل تعليم يافته ماڻهن کان ڪم ورتو ويو. اهي نون قائم ڪيل اسڪولن ۾ انگريزي ۽ انگي حساب پڙهائڻ لڳا، پر اهي سڀ اپاءَ وڌندڙ گهرجن پٽاندڙ اڻپورا هئا.

استادن جي کوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومت فيصلو ڪندي آڪٽوبر 1854ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ان مقصد لاءِ هڪ اسڪول کوليو ويو ته جيئن خاص طور سنڌي اسڪولن ۾ استادن جي کوٽ کي پورو ڪري سگهجي. ان ٽريننگ اسڪول ۾ ايلفنسٽون ۽ پونا ڪاليج جي اڳوڻن شاگردن کي، جيڪي سنڌ ۾ سرڪاري نوڪريون ڪري رهيا هئا، استاد ڪري مقرر ڪريو ويو. اهو ٽريننگ اسڪول پوءِ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو، جنهن کي 1864ع جي شروعات ۾ ٽريننگ ڪاليج بڻايو ويو ۽ اجا تائين استادن کي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سکيا ڏيئي رهيو آهي. انهن ڪوششن جي نتيجي ۾ ڏهن سالن 1854ع کان 1864ع تائين سنڌ صوبي جي ٽن ڪليڪٽوريٽس: ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ 4 هاءِ اسڪول، 3 مڊل اسڪول، 56 پرائمري اسڪول ۽ هڪ ٽريننگ ڪاليج قائم ٿي چڪا هئا، انهن اسڪولن ۾ شاگردن جو ڪل ڳاڻيٽو 2440 هو.(6)

حڪومت تعليم کي ترقي وٺرائڻ لاءِ هڪ ٻيو نهايت اهم فيصلو ڪيو، جو 1863ع ۾ قائم ڪيل ”لوڪل فنڊ“ مان ٽيون حصو ”ڳوٺاڻي تعليم“ لاءِ وقف ڪيو. ان فنڊ جي صحيح استعمال سان اسڪولن جو تعداد وڌي 230 ٿيو. ان ۾ 20 اسڪول نياڻين لاءِ شامل هئا، جڏهن ته شاگردن جو انگ 14،299 ٿي ويو. ڪيترن ئي سببن ڪري ڪيپٽن ائٽڪن چواڻي، سنڌ ۾ تعليم جو معيار وڌي نه سگهيو. سنڌ جي ڪمشنر مينسفيلڊ بمبئي حڪومت کي هڪ رپورٽ ۾ آگاهي ڏني ته پوري صوبي ۾ صرف ٻن انگريزي اسڪولن ۽ 5-6 سنڌي اسڪولن ۾ معياري تعليم ڏني وڃي ٿي، باقي اسڪولن ۾سکيا ورتل استادن، فرنيچر، ڪتابن ۽ ٻين تعليمي سهولتن جي سخت کوٽ ڪري، اتي تعليم بنهه روايتي انداز ۾ ڏني پئي وڃي. (7)

ان صورتحال کي سامهو رکنديء 1872ع ۾ مسٽر فلٽن (Fulten .E.M) کي تعليم بابت انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو ته جيئن هو سنڌ ۾ تعليمي ادارن جي ڪارگذاري تي نظر وجهي سگهي ۽ فيلڊ ۾ وڃي تعليمي مسئلن ۽ مونجهارن بابت ڪا صحيح راءِ ڏيئي سگهي، پڻ اهو ڏسي سگهي ته استاد اسڪولن ۾ صحيح وقت ۽ مقرر طريقي سان پڙهائي رهيا آهن. مسٽر فلٽن 1876ع تائين پنهنجون ذميواريون صحيح نموني ادا ڪندو رهيو. ان بعد ڪيس بدلي ڪري ڪنهن ٻئي صوبي ۾ رکيو ويو ۽ پورن ڏهن سالن تائين تعليم لاءِ ڪو برجستو اعليٰ سول عملدار مقرر نه ٿي سگهيو. نتيجي ۾ تعليمي ترقي رڪجي ويئي. جنوري 1887ع ۾ مسٽر گلس (E. Giles) کي ساڳي ذميواري ڏني ويئي، پر هو ڪو ڀوتو ڀاري نه سگهيو، تان جو ڇهن مهينن کان پوءِ مسٽر جيڪب (H.P Jacob) جيڪو جنرل جان جيڪب جو ڀاڻج هو، تنهن کي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو، جيڪو 1895ع، مرڻ گهڙي تائين نهايت جذبي ۽ ايمانداري سان فرض نڀائيندو رهيو ۽ سرڪاري رڪارڊ جي شاهدي مطابق نندي ڪنڊ ۾ سندن ڪٽنب تعليمي ترقيءَ ۾ نالو ڪڍيو. مسٽر جيڪب جي ذاتي ڪوشش سان ڪيئي نوان اسڪول کليا ۽ ڪي هلندڙ اسڪول سرڪاري کاتي ۾ ضم ٿيا. سنڌ صوبي جو تعليمي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نظم ۽ ضبط سچي هندستان ۾ مشهور ٿيڻ لڳو. مسٽر جيڪب جي دؤر ۾ اسڪولن جو انگ 375 مان وڌي 1616 ٿي ويو ۽ شاگردن جو تعداد 24159 مان وڌي 62595 ٿي ويو. ڇوڪرين جي اسڪولن جو انگ 20 مان وڌي 137 ٿي ويو. اهڙي طرح شاگرديائڻين جو تعداد 4467 ٿي ويو. ان دور ۾ عورتن لاءِ الڳ 4 ٽريننگ اسڪول ۽ هڪ ڪاليج قائم ڪيو ويو. ان سان گڏ ڪراچيءَ ۾ 1887ع ۾ آرٽس ڪاليج پڻ قائم ڪيو ويو. (8)

سنڌ جي مخصوص سماجي ۽ سياسي حالتن کي سامهون رکندي، تعليم جو شعبو "هوم ڊپارٽمينٽ" حوالي ڪيو ويو هو ته جيئن غير مقامي ماڻهن کي سلامتي جو تحفظ ڏيئي سگهجي ۽ پڻ سرڪاري اسڪولن جي عمارتن ۽ فرنيچر جو تحفظ ڪري سگهجي. روينيو عملدارن کي تاڪيد ڪيو ويندو هو ته هو پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪندي، اسڪولن ۾ ٻارن جي داخلا جو انگ وڌائين، زميندارن ۽ عام ماڻهن کي سمجهائين ته هو پنهنجا ٻار اسڪولن ۾ داخل ڪرائين ۽ پڻ سرڪاري ملڪيتن جو هر حالت ۾ خيال رکن. رڪارڊ ٻڌائي ٿو ته ان سان تعليم جي واڌاري توڙي سڌاري تي ڪو خاص اثر نه پيو. اسڪولن جون عمارتون ٿهنديون رهيون، پر ٻارن جي داخلا گهٽبي رهي. ماستر پنهنجي مرضيءَ سان پڙهائيندا هئا. بلڪ وڏيرن جو اثر ان وقت به ماسترن تي هو. 1904ع جي هڪ ريزوليوشن جي نتيجي ۾ تعليم جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ لکين رپيا منظور ڪيا ويا ۽ گهربل فرنيچر ۽ ٻيون سهولتون پڻ ميسر ڪيون ويون، پر نتيجا لاپائتا نه نڪري سگهيا. آخر 1910ع ۾ انڊيا جي مرڪزي حڪومت فيصلو ڪيو ته، سنڌ ۾ تعليم بابت هڪ الڳ کاتو کوليو وڃي ۽ ان کي فوري طور هوم ڊپارٽمينٽ کان ڌار ڪيو وڃي. (9)

## صورتخطيءَ بابت تجويز ڪيل ڪاميٽيءَ جو جائزو:

صورتخطيءَ بابت ڪاميٽي جوڙڻ جي ضرورت ڇو محسوس ٿي ۽ ان ڪاميٽيءَ حوالي ڪهڙا ڪم ڪيا ويا هئا؟ ان بابت اسان تفصيل سان سر ايلس برو جي تعليم بابت رپورٽ مان حوالن سان ذڪر ڪيو آهي، جيڪو اڳتي ايندو. ڪمپني سرڪار جو خيال هو ته يورپي عملدار، جيڪي لسانيات / لغات بابت سٺي ڄاڻ رکن ٿا ۽ ڪين سنڌي / فارسيءَ جي پڻ چڱي ڄاڻ آهي، انهن تي مشتمل هڪ ڪاميٽي جوڙي وڃي، البت ان ۾ ڪي ٿورڙا مقامي ماڻهو مقرر ڪيا وڃن، پر ان کان سرايلس برو بلڪل



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لنوائي ويو. سندس خيال هو تہ سنڌي ٻوليءَ بابت اسٽئڪ ۽ برٽن کان وڌيڪ ان موضوع بابت شايد ئي ڪنهن يورپي عالم کي ڄاڻ هجي! انهن ٻنهين جا رايا وٽس موجود هئا. ڪجھ يورپي عالم جيڪي امڪاني طور ڪاميٽيءَ جا ميمبر ٿي پئي سگهيا، سي ڏورانهن علائقن ۾ مقرر ٿيل هئا. جن مان پوءِ ڪي ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽي جا ميمبر پڻ ٿيا.

ايلس مليل هدايتن مطابق ڪاميٽي تہ ڪانہ جوڙي البت پنهنجي رپورٽ ۾، پيرا نمبر 42 ۾ ڄاڻايو اٿس تہ، حرفن (Letters) تي ٽيڪن واري مسئلي ڪيس منجهائي وڌو. ان لاءِ هن چار هندو ۽ چار مسلمان ميمبر مقرر ڪيا، جن پراڻن ڪتابن ليٿو / سنگي ڇاپن توڙي هٿ اکر نسخن کي پيٽي هڪ پٽي تيار ڪرائي، جنهن ۾ ٻہ ٻہ چار دفعا ڦيرقار ٿي. ان تي ان وقت ڊاڪٽر ٽرمپ اعتراض واريو هو، جنهن جو ذڪر ايلس بہ ڪيو آهي. ان بابت تفصيل سان بحث اڳتي ڪنداسين.

ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ميمبرن وٽ اها بہ راءِ هئي تہ، سنڌ ۾ ڀانت ڀانت جا ماڻهو رهن ٿا، جتي تعليمي تناسب گهٽ آهي. هزارين سال مٿن ڌارين حاڪمن حڪومت ڪئي آهي، ان ڪري اتان جا ماڻهو ٿوري گهٽي تي قانون هٿ ۾ کڻن ٿا ۽ انگريز سرڪار کي اتان جي ماڻهن اڃا دلي طور تسليم نہ ڪيو آهي، ان ڪري ڪنهن امڪاني شورش کي منهن ڏيڻ لاءِ مصلحت طور مقامي ماڻهن، جنهن ۾ هندو توڙي مسلمان شامل هجن، انهن تي مشتمل ڪا ڪاميٽي جوڙي وڃي تہ جيئن ٻئي ڌريون خاموش رهن. جيتوڻيڪ آدمشماريءَ جي تناسب مطابق ڪاميٽيءَ ۾ مسلمانن جو انگ 6 هئڻ گهربو هو، پر پوءِ بہ هنن هڪجيترا ميمبر کڻي معاملي کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڪاميٽيءَ ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ جو اختيار بہ سر ايلس بروڪي ڏنو ويو. اسان جي ادبي تاريخن جي ڪن مرتبن ميمبرن جو تعداد 8 تہ ڪن وري 10 لکيو آهي، جنهن ۾ بہ يورپي ميمبر ڪيپٽن اسٽئڪ ۽ ڪيپٽن رچرڊ برٽن بہ ڄاڻايو آهي، جا ڳالھ بلڪل غلط آهي. اها جدا ڳالھ آهي تہ فيصلي ڪرڻ وقت صرف انهن ٻنهن عالمن جي پيش ڪيل نڪتن کي سامهون رکيو ويو. هيٺ اسان ٿماهي مهراڻ مان سيد سليمان ندويءَ جو ڇپيل هڪ گورنر جو خط شايع ڪيون ٿا، جنهن ۾ سنڌي اسڪرپٽ تي بحث ڪيو ويو آهي.

## گورنر جي راءِ:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

1. عام طرح سان، عام ماڻهن کي اهو معلوم نه آهي ته سنڌي صورتخطي ۽ سنڌن تحريري زبان جي لاءِ، سنڌ پنهنجي انگريز حاڪمن جي ٿورائتي آهي!

جڏهن سر چارلس نيپئر، سنڌ فتح ڪئي، ان وقت ملڪ ۾ خود پنهنجي هڪ مستقل زبان موجود هئي، پر ان جي لاءِ لپي ڪانه هئي، جي هوند عام طور تي رائج ٿي سگهي ها. ان دور ۾ لکپڙهه ۾ ڪم ڪار هندو منشي ڪندا هئا. هندو پنهنجي لکتن ۾، فارسي صورتخطي ۾ فارسي ۽ سنڌي زبانن کي گڏي – سڏي لکندا هئا. اهو مخلوط خط به ڪجهه وقت کان رائج هو. ڪتاب "ابوالحسن جي سنڌي"، جنهن کي انگريزن جي اچڻ وقت، ملان مسجدن ۾ پڙهائيندا هئا، سو اصل ۾ بامحاور سنڌي ٻوليءَ کي، عربي صورتخطيءَ ۾ لکڻ جي هڪ ڪوشش هئي. ان طرح واٽن جو، "گرامر آف سنڌي" جو به اهوئي مقصد هو. اهو ڪتاب 1836ع ۾ عربي صورتخطيءَ ۾، انهن پوليٽيڪل آفيسرن لاءِ تيار ڪرايو ويو هو، جي سنڌ جي حاڪمن جي دربارن سان لاڳاپيل هئا. ان وقت، هندو واپارين وٽ حساب ڪتاب جي لاءِ، هڪ قسم جو ديوناگري لپي استعمال هيٺ هئي.

2. سنڌ جي فتح کانپوءِ جڏهن اٺ سال کن مس گذريا، تڏهن سر بارٽل فيريئر، سنڌ جون واڳون سنڀاليون. ان وقت فقط به اهڙا آفيسر ملي سگهيا، جي سنڌي ٻولي ڳالهائي ٿي سگهيا، پر انهن جي ڪلارڪن ۾ ڪي به اهڙا ڪونه هئا، جن کي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ مهارت حاصل هجي. ان صورت ۾ عملدارن لاءِ اهو حڪم ڪڍيو ويو ته هو سنڌي زبان ۾ امتحان پاس ڪن. انهن حالتن ۾ ٻيو اهم مسئلو اهو پيدا ٿيو ته سنڌي زبان ۾ سرڪاري لکپڙهه ته ڪئي وڃي، پر ان لاءِ صورتخطيءَ جو ڪو اصول مقرر ڪيو وڃي.

ان لاءِ، صرف ٻن انگريز عملدارن کي، جي سنڌي زبان ڄاڻندا هئا، تن کي راءِ ڏيڻ جو حق ڏنو ويو. هڪ هو ڪيپٽن رچرڊ ۽ ٻيو هو ڪيپٽن اسٽئڪ. پر بدقسمتي اها پيدا ٿي، ته هن مسئلي ۾، ٻنهين ۾ ويڇا پيدا ٿي پيا. رچرڊ، عربي رسم الخط جي حمايت ۾ هو ۽ اسٽئڪ، هندي لپيءَ جي حق ۾ هو. اهو هندي رسم الخط، اڳيئي سنڌ جي هندو واپارين ۾ مروج هو. ان اختلاف کي ڏسي، فيريئر به نسلي ۽ قومي پهلوءَ کي اڳيان رکي پريشان رهيو. ڪيس اهو خطرو محسوس ٿيو ته هندو، عربي صورتخطي سکڻ لاءِ تيار نه ٿيندا ۽ مسلمان وري هندي لپيءَ کي استعمال ڪرڻ کان انڪار ڪندا. ان کان پوءِ، اهو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

فيصلو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس جي حڪم تي عربي صورتخطيءَ جي حق ۾ ڪيو ويو.

ان فيصلي اچڻ تي، سرفيريئر، حيدرآباد جي ڪليڪٽر ايلس کي اهو ڪم ڏنو ته هو عربي صورتخطيءَ کي تيار ڪرائي. موجوده عربي سنڌي لپي ان صاحب جي ڪوشش جو نتيجو آهي. جيتوڻيڪ سنڌيءَ ۾ ٻاونجاهه اکر آهن ۽ ان جي پيٽ ۾ عربيءَ ۾ رڳا اٺتيهه اکر آهن. ان سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لهجن ۽ انهن جي صوتي اثرن ۽ خاصيتن کي قائم رکڻ لاءِ، ان گهٽتائيءَ کي "ٽٻڪن" جي وسيلي سان، پورو ڪيو ويو.(13)

سر ايلس برو ان ڪاميٽيءَ جو صدر هو، جنهن وسيلي سڄي لک پڙهه پئي هلي ۽ فيصلن تي عمل ڪرائڻو هو. هتي اهو به واضح ڪندا هلون ته 8 ڊسمبر 1852ع تي ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن پنهنجو فيصلو لکي ڪمشنر فيريئر کي موڪليو. فيصلي جي پيرا نمبر 5 ۾ ڄاڻايو ويو هو ته ،" (سنڌيءَ ٻولي جي لپيءَ بابت) اسان چڱي طرح غور فڪر ڪري، ان نتيجي تي پهتا آهيون ته لپي عربي- سنڌي هئڻ گهرجي، پر ساڳئي وقت اسان کي اهو به نه سمجهڻ گهرجي ته ان معاملي بابت وڏيڪ سوچ ويچار جي ضرورت محسوس نه ٿا ڪريون. ان مسئلي جو تسلي بخش حل اهو ٿيندو ته اهڙن يورپي عالمن / ماهرن، جن کي سنڌي ٻوليءَ بابت سني ڄاڻ آهي ۽ ڪن ٿورڙن مقامي ماڻهن، جن جو ڪردار ۽ ذهانت ان معاملي بابت مددگار ثابت ٿي سگهي، انهن تي مشتمل هڪ ڪاميٽي جوڙي وڃي. اسان اهو بمبئي سرڪار تي ڇڏيون ٿا ته اها ڪاميٽي جوڙڻ کان پوءِ ڪو به فيصلو ڪري، اسان کي ڄاڻ ڏئي.

ڪمپنيءَ فيصلي جي آخر ۾ پيرا نمبر 8 ۾ ڄاڻايو آهي ته، "اهو اسان لاءِ اطمينان جوڳو آهي ته بمبئي سرڪار ۽ سنڌ ۾ مقرر ڪمشنر مسٽر فريئر ٻئي صوبي ۾ ٻوليءَ جي ضرورت ۽ تبديليءَ کان چڱي طرح آگاهه آهن، ان ڪري اسان اهو غيرضروري ٿا سمجهون ته ان مامري تي ڪا خاص راءِ ڏيون. (ان وقت ڪمپنيءَ کي موڪليل نوٽ ۾ ٻه لپيون تجويز ڪيل هيون: عربي/نسخي ۽ ديوناگري، هنن واضح طور ڪنهن به هڪ لاءِ فيصلو نه ڏنو.)(14)

ڪمشنر فريئر اها رپورٽ سر ايلس کي موڪلي، حڪم جاري ڪيو ته ان رپورٽ تي عمل ڪيو وڃي. مسٽر ايلس ان بابت هڪ تفصيلي رپورٽ ٺاهي ڪمشنر



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪي ڊسمبر 1854 ۾ موڪلي. ان جي پيرا نمبر37 ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته، ”ڪورٽ جي ڊائريڪٽرن جي رپورٽ نمبر 46، 8 ڊسمبر 1852ع تي بمبئي حڪومت ڪي موڪلي وئي، جتان 11 مارچ 1853ع ڪمشنر ڏانهن موڪلي وئي.“ پيرا نمبر 38 ۾ چيو ويو آهي ته، ”رپورٽ ۾ ٻن موضوعن تي بحث ٿيل آهي. هڪ ته سنڌيءَ لاءِ لپي ڪهڙي اختيار ڪئي وڃي. ٻيو ته سنڌ پرڳڻي ۾ انگريزي ۽ ورنيڪيولر (ڏيهي) اسڪول کوليا وڃن.“ پيرا نمبر 39 ۾ چيو ويو آهي ته، ”ڪورٽ سڀوري پهرين نقطي بابت عربي جي حق ۾ ٿوري فرق سان فيصلو ڏنو آهي. ٻيو نقطو ڪاميٽي مقرر ڪرڻ بابت آهي، جيڪا فيصلي جو آخري نبيرو ڪري سگهي.“

ايلس پنهنجي رپورٽ جي پيرا نمبر 40 ۾ ڄاڻائي ٿو، ”ان وقت ڪاميٽي قائم ڪرڻ عملي طور ڏاڍو مشڪل هو، ان جو هڪ اهم سبب اهو هو ته جيڪي يورپي عالم سنڌي ٻوليءَ بابت سٺي ڄاڻ رکندا هئا، اهي يا ته سنڌ کان ٻاهر هئا يا وري ڏورانهن علائقن ۾ مقرر ٿيل هئا، جن کي گڏ ڪرڻ ڏکيو ڪم هو. ان ڪري صلاح اها بيٺي ته ان معاملي کي في الحال ڇڏي ڏجي. ”(واضح رهي ته ايلس اڻ سڌي طرح ڪيپٽن اسٽئڪ ۽ ڪيپٽن برٽن ڏانهن به اشارو ڪيو آهي. ڪيپٽن اسٽئڪ ان رپورٽ تيار ٿيڻ کان هڪ سال اڳ ڊسمبر 1853ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ برٽن ان وقت سنڌ کان ٻاهر هو.)

پيرا نمبر 41 ۾ لکي ٿو ته، ”مان اعتراف ٿو ڪريان ته ان معاملي (سنڌي لپي بابت) تي جيڪا ڪاميٽي مقرر ٿئي ها، ڪو نتيجو نه ڏئي سگهي ها. ميمبر رڳو هڪٻئي پاران اٿاريل نقطن تي بحث ڪن ها، وڏا وڏا دليل ڏين ها ۽ ممڪن هو ته ڪا وري نئين اختلاف راءِ (Controversy) پيدا ٿئي ها. مشڪل سان ان معاملي تي ڪا نئين روشني وڌي وڃي ها. حقيقت ۾ ڪيپٽن اسٽئڪ ۽ ڪيپٽن برٽن جنهن عالماڻي انداز ۾ ان موضوع تي بحث ڪيو آهي، شايد ئي ڪو ٻيو ڪاميٽيءَ جو نئون ميمبر اهڙي وضاحت سان ڪا راءِ ڏئي سگهي ها.“ (15)

سر ايلس ان منجهيل معاملي جو حل اهو سمجهيو ته رپورٽ ۾ ڄاڻايل ڳالهين کي نظر ۾رکندي، مقامي ماڻهن، جن کي فارسي ۽ سنڌي ٻولي بابت چڱي ڄاڻ هجي ۽ حڪومت بابت به سندن راءِ بهتر هجي، انهن تي مشتمل ڪا ڪاميٽي جوڙي، خاص سنڌي آوازن/صوتين جو مسئلو حل ڪجي، ان لاءِ هن اٺن ميمبرن تي مشتمل ڪاميٽي جوڙي، جنهن ۾ هيٺيان ماڻهو شامل هئا.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

### ڪاميٽيءَ جا ميمبر:

1. راءِ بهادر نارائڻ جڳناٿ (ڪراچي)
2. ديوان ننديرام سيوهاڻي (سيوهڻ)
3. ديوان پرڀداس آنند رام (حيدرآباد)
4. ديوان اڌارام ٿانورداس (حيدرآباد)
5. خان بهادر مرزا صادق علي بيگ (حيدرآباد)
6. ميان محمد (حيدرآباد)
7. قاضي غلام علي (ٺٽو)
8. ميان غلام حسين (ٺٽو)

### ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جو مختصر تعارف:

هيٺ اسان ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جو تعارف ۽ سندس ڪيل ڪمن بابت ويچار پيش ڪيون ٿا.

### نارائڻ جڳناٿ:

اصل ميرٺ جو هو، سندس مادري زبان به ميرٺي هئي. انگريزن جي ابتدائي دور ۾، سنڌ ۾ آيو ۽ تعليم کاتي سان لاڳاپيل رهيو. هي انهن چند ٻاهرين ماڻهن مان هو، جن سنڌي ٻوليءَ بابت خاص امتحان پاس ڪيو، جنهن عيوض ڪيس 20 رپيا ساليانو انڪريمينٽ مليو. ڪيس ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ ماسٽر مقرر ڪيو ويو. تعليمي ميدان ۾ سندس خدمتون ساراهڻ جوڳيون هيون. ان عيوض سرڪار ڪيس ”راءِ بهادر“ جو خطاب ڏنو ۽ بندر روڊ تي سرڪار پاران 1853ع ۾ ٺاهيل اسڪول سندس وفات کان پوءِ 1874ع ۾ سندس نالي ڪيو ويو. اسڪول جي شاندار عمارت ۾ ڪنهن وقت سنڌ اسيمبليءَ جا اجلاس به هلندا هئا. ان کان علاوه وقت به وقت ٻيون آفيسون به قائم ٿيون. 70 واري ڏهاڪي ۾، ڪراچي تعليم کاتي جي هيڊ آفيس اتي کولي وئي. هينئر به تعليم بابت عالمي بئنڪ ۽ يورپئين ڪميشن جي مالي امداد سان سهڪاري آفيسون، ان اسڪول جي عمارت ۾ هلي رهيون آهن.

شروع ۾ مٿي ذڪر ڪيل اسڪول کي ”نارائڻ جڳناٿ“ چيو ويندو هو، پوءِ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

1876ع ڌاري سندس پوٽي سي ڊي وديا، جيڪو بمبئي هاءِ ڪورٽ ۾ بئريسٽر هو، تنهن سنڌ حڪومت کي اپيل ڪئي تہ سندن فئملي جو نالو "وديا" آهي، ان ڪري اسڪول توڙي سرڪاري لکپڙهہ ۾ پورو نالو "نارائڻ جڳنات وديا" استعمال ڪيو وڃي.

سنڌ ۾ رهڻ ۽ ذاتي دلچسپي سبب نارائڻ جڳنات کي سنڌي ٻوليءَ تي چڱي دسترس ٿي ويئي، ايتريقدر جو انگريز حڪمران کيس مڪاني ماڻهو سمجهندا هئا. راءِ بهادر نارائڻ سنڌ ۾ پهريون غير يورپي عملدار هو، جيڪو تعليم کاتي ۾ ڊپٽي ايجوڪيشن انسپيڪٽر مقرر ٿيو. ان وقت سنڌ ۾ اعليٰ عملدار ايجوڪيشن انسپيڪٽر هوندو هو، جنهن جي ماتحت ٻہ ڊپٽي انسپيڪٽر هوندا هئا.

نارائڻ جڳنات فڪري لحاظ کان برهمڻ هو. هو هندو برادريءَ جو سهڪاري هو. سندس ڪوشش سان ڪيترن ئي هنڌن تي هندن لاءِ اسڪول کليا. هن ڌرم شالائن جي بہ مدد ڪئي تہ جيئن ٻار تعليم حاصل ڪن. راءِ بهادر ديوناگري/خداآبادي خط جو سخت حامي هو، جڏهن شڪارپور ۽ حيدرآباد ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ تعليمي وهنوار کيس ختم ٿيندي محسوس ٿيو تہ هن سنڌ جي ڪمشنر کان خاص اجازت ورتي، اين جي وي هاءِ اسڪول ۾ ان جا ڪلاس شروع ڪرايا. ٻارن کي ان طرف راغب ڪرڻ لاءِ پنهنجي کيسي مان خرچ ڪري ڪتاب ۽ ڪاپيون وٺي ڏيندو هو. خدا آبادي خط کي سهنجو بنائڻ لاءِ هن کي ٿورا سڌارا بہ آندا هئا. سندس ڪيل تجربا ڪامياب ٿيا ۽ هو هڪ معياري اسڪرپٽ تيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو ۽ سندس ڪوشش سان بمبئي سرڪار ان خط کي رائج ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي ترغيبن (Incentives) جو اعلان ڪيو. جيستائين نارائڻ جيئرو رهيو هو تہ هن ان خط کي هلايو، آخر 1873ع ۾ سندس وفات کان پوءِ ڪي چار پنج سال اهو خط صرف ان اسڪول ۾ رائج رهيو پوءِ ختم ٿي ويو.

## ديوان ننديرام سيوهاڻي:

جيئن نالي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ننديرام جو تعلق سيوهڻ سان هو. سندس والد جو نالو ٿڌو مل هو. هو سن 1819ع ۾ سيوهڻ ۾ ڄائو. کيس فارسيءَ تي عبور حاصل هو. هن سيوهڻ شهر ۾، فارسي، اردو ۽ حڪومتي وهنوار کي ڏسندي سنڌي تعليم لاءِ خانگي طور اسڪول کوليو، جيڪو ڪن سببن ڪري نہ هلي سگهيو. ان

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ناڪاميءَ ننديرام کي مالي طور سخت پريشان ڪري ڇڏيو. پوءِ هن سرڪاري نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي. (16) ان وچ ۾ سرڪاري طور اعلان ٿيو ته ”سنڌ جي تاريخ (تاريخ معصومي) جيڪا فارسي ۾ لکيل هئي، تنهنجو سولي سنڌي ترجمي لاءِ قابل ماڻهن جي ضرورت آهي.“ اعلان پڙهندي ئي ننديرام سرڪاري آفيسن جو رخ ڪيو. جيئن ته ننديرام جي ان وقت سيوهڻ کان سواءِ ڪا خاص سڃاڻپ ڪانه هئي، ان ڪري کيس گهربل موٽ نه ملي. ترجمي لاءِ سرڪار چيو ته ڪي به چار پنج ماهر ترجمو ڪن پوءِ ڪاميٽي فيصلو ڪندي ته نئين مقرر ڪيل صورتخطيءَ ۾ ڪنهن جو ترجمو موچارو آهي. جنهن جو ترجمو سهنجو ۽ عام فهم هوندو، ان کي شايع ڪرايو ويندو ۽ مترجم کي هڪ سو رپيا روڪ انعام ڏنو ويندو.

انهيءَ اشتهار تي سنڌ جي ڪيترن ئي هندن توڙي مسلمانن پڙهيلن، بزرگن، پنهنجا ترجما ايلس صاحب وٽ پيش ڪيا. انهن ترجمن جي معيار پرکڻ لاءِ سرڪار طرفان امينن جون چار ڪاميٽيون مقرر ٿيون. آخري فيصلو ڪندڙ ڪاميٽيءَ جو سربراهه سر ايلس پاڻ هو، جيڪو تعليم کاتي جو سربراهه به هو ته اشاعتي ڪمن جو انچارج پڻ - ساڻس گڏ ٻيا يورپي عملدار جهڙوڪ ميجر دانستر ويل، ڪيپٽن ايڊورڊ آهر، ڪيپٽن اسٽئڪ، ڪيپٽن بمگيارڊن شامل هئا، جيڪي نه فقط فارسي ٻولي ڄاڻندا هئا بلڪ سنڌي ٻولي بابت به ڪين خوب ڄاڻ هئي. ڪاميٽيءَ ديوان ننديرام جي ترجمي کي نج، سهڻي ٻولي ۽ معياري خط ۾ هجڻ ڪري پاس ڪيو، جنهن ڪري ديوان ننديرام کي هڪ سؤ بدران ٻه سؤ رپيا روڪ رقم انعام طور ڏنا ويا. (اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ان وقت 100 رپين جي اهميت اڄ جي لک رپين کان وڌيڪ هوندي.) ان کانسواءِ کيس سرڪاري طور ٽرانسليٽر مقرر ڪيو ويو. ان سان گڏ، ڪاميٽيءَ جي ميمبرن پنهنجي هڙان کيس ڏيڍ سو رپيا خانگي طور انعام اڪرام ڏنا ۽ سرڪار کيس ”ديوان“ جو خطاب عطا ڪيو. انهن انعامن ديوان جي قسمت بدلائي ڇڏي. ان کان پوءِ هو سرڪاري معززين جي فهرست ۾ شامل ٿي ويو. کيس 1852ع ڏاري ڪاميٽيءَ ۾ شامل ڪيو ويو هو.

ديوان ننديرام نئين مقرر ڪيل صورتخطيءَ ۾ لکندڙ ۽ سرڪاري طور ڇاپي هيٺ ايندڙ ڪتابن جي پهرين مصنفن مان آهي.

## ديوان پرڀداس:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پر ڀداس پٽ انندرام رامچنداڻي حيدرآباد جو رهاڪو هو، سندس واسطو عامل گهراڻي سان هو، پر ڀداس کي سنڌيءَ سان گڏ، فارسيءَ تي بہ عبور حاصل هو. هو حيدرآباد جي سرڪاري اسڪول ۾ اسسٽنٽ ماستر مقرر ٿيو. علمي توڙي ترجمي وارن ڪمن ۾ ديوان چوهڙ مل پٽ ڪندن مل، جيڪو پڻ حيدرآباد جو هو، ساڻس سهڪاري رهيو، پر ڀداس جي علمي ڪمن ۽ سرڪاري سهائتا سبب کيس ”ديوان“ جو خطاب پڻ مليو. ديوان پرڀداس ٽئين ۽ چوٿين ڪلاس لاءِ سنڌي نصابي ڪتاب ۽ هندستان توڙي انگلينڊ جي تاريخ جا سنڌي ٻولي ۾ ترجما ڪيا.

## ديوان اڌارام ٿانورداس:

اڌارام پٽ ٿانور داس سن 1833ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو، سندس نکُ ”ميرچنداڻي“ هئي. عامل گهراڻي سان واسطو رکندڙ سندس پاڙو ان دؤر ۾ علمي ۽ سماجي ڪمن ۾ مشهور هو. ڪن ڪتابن لاءِ هن پنهنجي ويجهي دوست ديوان نولراءِ شوقيرام آڏواڻي سان گڏجي ڪم ڪيو.

ديوان اڌارام کي سنڌي، فارسي ۽ انگريزي ٻوليءَ تي سٺي دسترس حاصل هئي، ان ڪري انگريز عملدارن سان هو سڌي تعلق ۾ هو. نصابي ڪتابن جوڙڻ ۾ ديوان جو وڏو ۽ بنيادي ڀاڱو آهي. سندس جوڙيل مکيہ ڪتابن ۾ سنڌي پهريون ۽ ٻيو ڪتاب، سنڌي صرف ونحو، دنيا جي تاريخ ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. پاڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيندڙ پهرين ناول راسيلاس جي ترجمي ڪرڻ ۾ پڻ شريڪ رهيا.

## مرزا صادق علي بيگ:

مرزا صادق علي بيگ، ڪاميٽي جو ميمبر تہ هو، پر سندس حياتيءَ جواحوال گهٽ ملي ٿو. جيتوڻيڪ ان دؤر ۾، سڀ کان پهريائين ”ادبي تاريخ“ محمد صديق ميمڻ جوڙي، وٽس نہ صرف ڇاپي مواد (رپورٽون، سرڪاري پڌرناما، اخباري خبرون وغيره) موجود هو، بلڪ هو ان دؤر جي عالمن ۽ اديبن سان لهہ وچڙ ۾ هو. هن ادب جي تاريخ نثر توڻي نظم ٻن جلدن ۾ ڪافي محنت ۽ تفصيل سان لکي آهي، پر ڪافي اهم ڳالهين کي الائي ڇو نظرانداز بہ ڪندو ويو آهي. ڪيس گهربو هو تہ ڪاميٽيءَ جي سڀني ميمبرن جا سوانحي خاڪا تفصيل سان ڏيئي ها، پر هو ايئن نہ ڪري سگهيو. ان

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

دؤر جي ڇپيل ڪتابن جي بہ اڻپوري فهرست ڏني اٿائين. مرزا ڪتب جي اهم ماڻهو جي باري ۾ سندس ڪتاب ۾ ڪو ذڪر جوڳو احوال ئو ملي. وري افسوس ئو ٿئي تہ مرزا قليچ بيگ بہ ان جو ڪو خاص ذڪر نہ ڪيو آهي. تاريخ ۽ تحقيق جي ڄاڻو ڪاڪي ڀيرومل پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾، مرزا صادق علي بيگ کي، مرزا قليچ بيگ جو وڏو ڀاءُ ڪري لکيو آهي.(17) اها غلطي پوءِ ورجائبي رهي، تان جو ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي ان طرف ڌيان ڇڪايو. هو لکي ٿو تہ :ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جي باري ۾ وڏيڪ ڄاڻ ڏيندي ڀيرومل مهر چند آڏواڻي لکيو آهي تہ خان بهادر مرزا صادق علي بيگ، مرزا قليچ بيگ جو مُربي ڀاءُ هئو. حقيقت ۾ ڏسجي تہ ان باري ۾ ڀيرومل کان وڏي غلطي ٿي آهي، ڇاڪاڻ تہ مرزا صادق علي بيگ، جيڪو ان ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو. اهو حيدرآباد جو تہ هئو پر قليچ بيگ جو وڏوڀاءُ نہ هو. قليچ پنهنجي آتم ڪٿا "سائو پن ڪارو پنو" ۾ لکيو آهي تہ "سندس وڏي ڀاءُ مرزا صادق عليءَ جو جنم 1845ع ۾ ٿيو. جيڪڏهن جنم جو سال اهو صحيح آهي تہ. پوءِ مرزا صادق علي 1853ع ۾اٺن سالن جي عمر ۾، ڪاميٽيءَ جو ميمبر هرگز نہ ٿو ٿي سگهجي. مرزا صادق علي بيگ پهريون سنڌي مسلمان هو، جنهن بمبئي مان 1872ع ۾ بي اي جو امتحان پاس ڪيو. هو تعليم کاتي سان واڳيل رهيو، پادري شرٽ ۽ اڏارام سان گڏ، سنڌي انگريزي ڊڪشنري جوڙڻ ۾ سندس مددگار رهيو. تعليم کاتي جي اخبار "سنڌ سڌار" جو ايڊيٽر پڻ رهيو. عربي- سنڌيءَ ۾ هجئون سڌارڻ لاءِ تعليم کاتي پاران جيڪي ڪاميٽيون مقرر ڪيون ويون، انهن ۾ هن ميمبر طور ڪم ڪيو. "(18) مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڀاءُ مرزا صادق علي لاءِ لکي ٿو:"منهنجو ٻيو ڀاءُ مرزا صادق علي بيگ، جو ايلفنسٽن ڪاليج ۾ پڙهي پهريون مسلمان بي. اي ٿيو، سو پهرين شڪارپور جي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماسٽر ٿيو ۽ پوءِ ڪراچي ۾ ڊيپو جو ڪيوريٽر ۽ ايجوڪيشنل ٽرانسليٽر ٿيو ۽ سرڪاري "سنڌ سڌار" اخبار جو ايڊيٽر ٿيو. سنڌي ڊڪشنري ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب تعليم کاتي لاءِ لکيائين. ٽيهن ورهين ڪانپوءِ پينشنر ٿيو "خان صاحب" جو لقب مليس. مرزا حيرت جي وفات کان پوءِ کيس ايلفنسٽن ڪاليج ۾ پرشن پروفيسريءَ جي آڇ ٿيس پر بمبئي وڃي رهڻ قبول نہ ڪيائين. آخر 1912ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ وفات ڪيائين. (19)

مرزا صاحب جي ڳالھ ڌيان ڇڪائي ٿي، سا آهي "ڊڪشنريءَ جي ترتيب"



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مرزا صاحب اها ڊڪشنري پادري شرٽ سان گڏجي ترتيب ڏني هئي، جنهن ۾ خاص طور لفظن جي صحيح صورتخطي ۽ هجي تي ڌيان ڏنو ويو هو. مرزا قليچ بيگ ساڳئي ڪتاب جي صفحي 31 تي لکي ٿو ته، ”انگريزي هاءِ اسڪول ۾ جيئن ادي مرزا صادق علي بيگ پڙهڻ ۽ چڱي هلت ۾ نالو ڪڍيو ۽ پوءِ بمبئي ڪاليج ۾ ويو، تيئن مون وري پنهنجي واري ۾، اسڪول ۾ نالو ڪڍيو ۽ هن وانگي امتحانن ۾ مٿي آيس ۽ وڏا وڏا انعام ڪٽيم... جڏهن ڪو صاحب لوڪ يا ڪو وڏو ماڻهو اسڪول ڏسڻ ايندو هو تڏهن ماستر انهن سان منهنجي باري ۾ ذڪر ڪندو هو. اسڪول ۾ پڙهندي، پادري مسٽرشرٽ جي ميڊم وٽ انگريزي ميوزڪ يا راڳ پيو سکندو هوس. مسٽر ۽ مسز شرٽ مون تي نهايت مهربان هوندا هئا ۽ پڇاڙي تائين اهڙا هليا آيا.“

ان حوالي سان چئي سگهجي ٿو ته، مرزا صاحب جي آتم ڪٿا واري ڪتاب”سائو پن يا ڪارو پنو ۾“ جم واري سن ۾ ڪا پروف جي غلطي ٿي آهي ۽ اهو مرزا صادق علي بيگ ساڳيو آهي. يعني مرزا قليچ بيگ جو وڏو ڀاءُ. مظهر يوسف لکي ٿو ته، مرزا صادق علي بيگ لغتدان (Philologist) هو. هن پادري شرٽ، جيڪو چرچ مشن سوسائٽي جو مبلغ هو، تنهن سان ”سنڌي- انگريزي“ ڊڪشنري ٺاهڻ ۾ مدد ڪئي. ان وقت پادري شرٽ حيدرآباد ۾ زال سان گڏ رهندو هو. ان ڊڪشنري ۾ آخوند عبدالرحيم ٻه ساڻن مدد ڪئي. ڊڪشنري ڪمشنر پرٽنگ پريس ۾ شايع ٿي. (20) جيئن مرزا صاحب ڄاڻايو آهي ته سندس وڏن جا انگريز حڪمرانن سان ٻه ويجها لاڳاپا هئا. ان وقت مرزا فئملي حيدرآباد ۾ گهڻي مشهور هئي. پادري شرٽ وارو حوالو ثابت ڪري ٿو ته، مرزا صادق علي ٻه ساڳيو ماڻهو هو، جنهن لاءِ ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي لکيو آهي ته هو مرزا قليچ جو وڏو ڀاءُ هو.

## ميان محمد:

ميان محمد جو تعلق ٻه حيدرآباد سان هو. هو فقير جي پڙ واري سنڌي اسڪول جو هيڊ ماستر هو، ڪيس سنڌي ۽ فارسيءَ تي عبور حاصل هو. اڳتي هلي نارمل اسڪول، جيڪو ان وقت حيدرآباد جي مکيه اسڪولن مان هڪ هو، ان جو هيڊ ماستر مقرر ٿيو. تعليم ڪاتي سان واڳيل ميجر گولڊ سمٿ ڪيس ”مولانا محمد“ ڪري سڏيندو هو. ٻين لفظن ۾ انگريز حڪمرانن تائين سندس پهچ هئي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فيريئر جي فرمائش تي هن سنڌي "صرف و نحو" لکيو (اشاعت 1860ع) جيڪو سلاست ۽ وضاحتن سبب گهڻو مقبول ٿيو. ڪاميٽيءَ جي ٻئي ميمبر اڏارام ان کان اڳ 1854ع ۾ گرامر تي ڪتاب لکيو هو، جيڪو جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون ته انجا ڪافي ڇاپا منظرعام تي آيا، پر ميان محمد وارو ڪتاب ان کان وڌيڪ مقبول ٿيو. هن گرامر ۾ به عربي ۽ فارسي ٻولي جا قاعدا اختيار ڪيا ويا. اصطلاح به ساڳيا اختيار ڪيا ويا. فرق صرف اهو هو ته انهن جي وضاحت يا سمجهاڻي سولي ۽ رواجي ٻوليءَ ۾ ڏني ويئي. جنهن کان پوءِ تعليم کاتي پاران سنڌي اسڪولن ۾ رائج ڪيو ويو. ان گرامر واري ڪتاب تيار ڪرڻ ۾ ميان صاحب سان ديوان انند رام پريداس- انگريزي اسڪول اسسٽنٽ ماسٽر به مدد ڪئي هئي. هن ڪتاب جي مقبوليت ۽ اهميت محسوس ڪندي ميجر گولڊ سمٿ اسسٽنٽ ڪمشنر، جيڪو پوءِ سنڌ جو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر به ٿيو، تنهن ان جو انگريزي ۾ اختصار ڪري يورپي عملدارن لاءِ ڇاپايو ۽ اهو ان ڪتاب جي آخر ۾ ڏنو ويو.

ڪتاب جي شروعات ۾ الف- ب جي پٽي ڏيئي، هر هڪ اکر جي سامهون ان سان ٺهندڙ لفظ ڏنو ويو آهي، جيئن الف- اڪ، ب- باهه، ٻ- ٻانهون، ڀ- ڀاءُ، پ- پيءُ وغيره پوءِ وري هر هڪ اکر جون اڳياڙيون، وچاڙيون، پڇاڙيون ڏنيون ويون آهن.

ڳالهائڻ جا لفظ عربي ۽ فارسي صرف ونحو مطابق فقط ٽي ٺهرايا ويا آهن :اسم، فعل ۽ حرف- پوءِ وري انهن جا قسم ۽ استعمال ڄاڻايو ويو آهي.

ميان صاحب جي اهڙي عربي فارسي تشريح کان پوءِ هندو ليکڪن سنڌي ٻوليءَ لاءِ نج سنسڪرتي ۽ هندي الفاظ ۽ اصطلاح اختيار ڪيا.ان کان پوءِ "صرف و نحو" ۽ "ويا ڪرڻ" ۾ مقابلو شروع ٿي ويو. ان جو تفصيل سان ذڪر اسان گرامر واري ڀاڱي ۾ ڪيو آهي.

## قاضي غلام علي:

قاضي غلام علي پٽ قاضي محمد يحيٰ نئي جو رهواسي هو، ڪيس سنڌي سان گڏ فارسي ۽ عربي تي به عبور حاصل هو. سندس وڏا نئي ۾ "جامع مدرسو" هلائيندا هئا. قاضيءَ کي انگريزن جي دؤر ۾، خاص اجازت مليل هئي ته هو عام سنڌي ماڻهن جا ڪورٽ ۾ ڪيس پيش ڪري. بعد ۾ ڪيس حڪومت پاران

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

"ٽرانسليٽر" مقرر ڪيو ويو.

## ميان غلام حسين:

ميان غلام حسين ولد محمد قاسم قريشي جو تعلق ٺٽي پرڳڻي سان هو، سندس خاندان علمي لحاظ کان ارغونن جي دؤر ۾ به نالي وارو هو. ميان غلام حسين کي فارسي زبان تي مڪمل عبور حاصل هو. انگريزن جي ابتدائي دؤر ۾ هو سرڪار پاران فارسي ۾ لکپڙهه ڪندو هو. بعد ۾ مترجم بنيو ۽ ڪيس ڪميٽيءَ تي ميمبر طورڪنيو ويو. سندس هڪ ڪتاب "پنيي زميندار جي ڳالهه" سنڌي ۾ لکيل آهي، جيڪو اول ليٿو ۾ ڇپيو.

## ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جي باري ۾ راءِ:

مٿي اسان ڪاميٽيءَ جي اٺن ئي ميمبرن جي علمي ڪمن بابت جائزو پيش ڪري آيا آهيون، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي سڀ سرڪار جا پگهاردار، منشي، ٽرانسليٽر يا ماستر هئا. فارسيءَ ۾ قابليت سندن لاءِ ملازمت جو سبب بڻي. هنن خوب محنت ڪئي ۽ ابتدائي دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ سٺا ڪتاب ترتيب ڏنا. ڪتابن جي چونڊ ۾ به هو آزاد نه هئا. ان لاءِ به جس جڳائي ڪمشنر سربارٽل فريئر صاحب کي جنهن دوستن جي صلاح مشوري سان ان دؤر جا مشهور انگريزي، اردو ۽ هندي ڪتاب ترجمو ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف مضمونن کي متعارف ڪرايو، نه ته ان کان اڳ سنڌ ۾ گهڻي قدر مذهبي مضمون پڙهايا ويندا هئا. ان ڏس ۾ ديوان ننديرام ۽ ديوان اڌارام اهڙو ڪم ڪيو، جنهن سان مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙو مل، ڪاڪو ڀيرو مل، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر دائود پوٽي، ميران محمد شاهه وغيره جهڙا اورچ ۽ خدمت واري جذبي وارا عالم پيدا ٿيا، جن ڏينهن رات هڪ ڪري سنڌ ۾ سماجي ۽ علمي جاڳرتا پيدا ڪئي.

مٿي ذڪر ڪيل ميمبرن جي پنهنجي دؤر ۾ علمي صلاحيتن کان انڪار نه آهي پر جيتريقدر سندن ڪاميٽيءَ ۾ ادا ڪيل ڪردار جو تعلق آهي ته ان لاءِ هو ڪي بااختيار ڪين هئا. سندن ترتيب ڏنل ڪتابن جي مهاڳن پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هو هر وقت سرڪار نامدار جا ڳڻ ڳائيندا رهندا هئا. هر هڪ ميمبر ڪمشنر کان وٺي واسطيدار انگريز عملدار جو ٿورائتو نظر ايندو ۽ سندن شڪرگذار رهڻ جو وچن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ورجائيندي نظر ايندو. هو حاڪمن سان ڪابہ حجت نہ ڪري سگهندا هئا. ڪين جيڪو بہ ڪم ڏنو ويندو هو، ان ڪي خوشي سان ڪندا هئا. ڪن جي ڪم مان عملدار خوش نہ هوندا هئا تہ ان جي سڌاري لاءِ ڪنهن ٻئي عالم ڪي چوندا هئا. ديوان ننديرام تہ ايترو ڏاڪو ڇمايو هو، جو درسي ڪتاب سندس نظرثانيءَ جا گهرجائو هوندا هئا.

ان وقت، انساني حقن جو ڪو چوٻول بہ نہ هو، جو ڪو حاڪم ناراض ٿئي ۽ ڪنهن ڪي ملازمت مان ڪڍي ڇڏي تہ ڪيس انساني حقن جي ڪري نوڪريءَ تي بحال ڪيو وڃي، بلڪ انگريز تہ اسان سان غلامن وارو رويو رکندا هئا، ان ڪري پڪي نوڪري نہ هئڻ سبب ميمبر هر وقت حاڪمن جي رحم ڪرم تي هوندا هئا.

سنڌ ۾ جديد تعليم جو اهو شروعاتي دؤر هو. ٻولي بابت جديد علمن: صوتيات، صرفيات، نحويات، معنويات، لغات،لسانيات، وغيره جو ڪو نالو نشان بہ نہ هو. ڪن وڏن مدرسن ۾ عالم عربي ٻوليءَ بابت قرائت ۽ تجويد جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪندا هئا. ڪاميٽيءَ جي ميمبرن ڪي مٿي ڄاڻايل مضمونن بابت ڄاڻ هئڻ گهربي هئي، جيڪا بدقسمتيءَ سان وٽن ڪانہ هئي، جنهن ڪري هو ٻوليءَ جي نئين سر نفاذ ۽ ڦهلاءُ لاءِ ڪي ٺوس بنياد رکي نہ سگهيا. اهي جهول اڃا تائين جاري آهن، جن جي ازالي جي ضرورت اڄ بہ محسوس ٿئي ٿي.

## ڪاميٽيءَ آڏو مکيہ مسئلا:

ڪاميٽي جوڙڻ جو مکيہ مقصد اهو تہ، جيئن تہ ترتيب هيٺ ايندڙ لپي عربي-سنڌي هئي. ان ڪان سواءِ فارسي ٻوليءَ جو اثر بہ سنڌ تي هزارين سالن ڪان هو. ويچار هيٺ آيل ڪتابي سرمايو بہ انهن ٻولين تي آڌار رکندڙ هو. ان ڪري انهن ٻولين جا سڀ حرف ڪنيا وڃن تہ جيئن ڪنهن بہ اکر جي هجي ۾ ڪا ڏکيائي پيش نہ اچي، ان ڪري عربيءَ جا 29 حرف ۽ فارسيءَ جا خاص چار حرف پ چ، گ ژ پڻ ڪنيا ويا، باقي سنڌي آوازن لاءِ اهو ويچار ڪيو ويو تہ ڪهڙن عالمن ڪهڙي حرفي صورت وڌيڪ استعمال ڪئي آهي، سا اختيار ڪئي وڃي. مثلاً ڪن "ڏ"، "ڙ"، ڪن وري "ڎ" وغيره تي لکيو. اهڙي طرح ٽ ۽ ڙ لاءِ ويچار هيٺ ڪتابن مان ڪٽ ڪئي ويئي. ساڳي صورت ڄ، ڃ، ڳ، ڱ لاءِ بہ ويچاريو ويو.

ڪاميٽي آڏو جيڪا ابتدائي پٽي رکي ويئي، اها 55 اکرن تي ٻڌل هئي، جيڪا

عبدالرحيم وفا عباسي پنهنجي جواهر الغات جي منڍ ۾ ڏني آهي. وفا عباسي ان دور ۾ خانگي شعبي ۾ ڪافي سرڪردو ماڻهو هو، ڪيس سنڌيءَ سان گڏ، فارسيءَ تي پڻ عبور حاصل هو. ڪراچي ۾ رهڻ ۽ سماجي حيثيت هئڻ سان گڏ، علمي حلقن ۾ به ڪيس چڱي حيثيت حاصل هئي. سندس والد به آخوند هو، جنهن لاءِ هو ”جامع ڪمالات آخوند محمد وفا عباسي“ جو خطاب اختيار ڪري ٿو. عباسي صاحب لغت کان سواءِ ”هر گينو“ (اهي ٻئي ڪتاب سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ شايع ڪرايا آهن) ان کان علاوه هن 8 کن ٻيا ڪتاب به ترتيب ڏنا، جن کي ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽيءَ منظور ڪري 1857ع ۽ 1872ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

مڪاني ماڻهن ۾، مخدوم ابوالحسن سنڌي ٺٽوي کان پوءِ ٻيو عالم آخوند عبدالرحيم وفا عباسي هو، جنهن وڏي محنت کان پوءِ سنڌي صورتخطي جوڙي، ڪتابن جي مهڙ ۾ ڏني. سندس ترتيب ڏنل صورتخطي جي اها اهميت هئي، جو ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جهڙو جڳ مشهور عالم به هن کان متاثر هو. هن پنهنجي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي (1866) جي صورتخطي به ساڳي رکي. سواءِ ٻن حرفن جي ”ڱ ۽ ڃ“ تفصيل لاءِ ڏسو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ”جواهر الغات سنڌي اڪيچار“ بابت مقدمو.

ڪاميٽيءَ آڏو فارسي حرف□““ به هو ته ” ﻻ “ به هو، جيڪو شاهه سائين پنهنجي رسالي ۾ خصوصيت سان استعمال ڪيو آهي:

ڪاتب لکن جيئن لائي لام الف سين،
اسان سڄڻ تيئن رهيو آهي روح ۾.

يعني جهڙي ريت لام ۽ الف لکيل آهن، جيڪي بلڪل پاڻ ۾ مدغم ٿيا پيا آهن، انهن کي هڪ ٻئي کان جدا نٿو ڪري سگهجي. ٺٽي وارن مخدومن به ”لا“ ڪينچي کي الڳ پئي ڪري لکيو، ان ڪري ڪاميٽي آڏو اهو ”صوتيو“ ڪري پيش ڪيو ويو. ان لاءِ محمد صديق ميمڻ لکي ٿو ته ”اشارو: ء ۽ لا کي جدا حرف نٿو ڳڻيو وڃي، ڇاڪاڻ ته ”ء“ هڪڙي صورت آهي. ”الف“ جي ۽ لا ملاوت آهي لام ۽ الف جي(21) اهڙي طرح ٻٽن حرفن جهڙو ٿ، ڊ، ڍ لاءِ مخدوم ابو الحسن واضح نشاندهي ڪئي هئي. اها ڳالهه به ڪاميٽيءَ جي ويچار هيٺ رهي.90 واري ڏهاڪي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتابن خاص طور تحقيقي رٽا هيٺ تيار ڪيل شاهه جي رسالن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾ اها ترتيب ورجائي آهي. ڏسو سندس ٻيو جلد: اشاعت: ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1992ع ان رسالي ۾ ڊاڪٽر صاحب ساموندي، سٽ، چنڊ بجاءِ ساموندري، سٿر، چنڊر وغيره لکيا آهن.

ڪاميٽي لاءِ مُنجهائيندڙ مسئلو تڏهن پيدا ٿيو جڏهن ڪن هندو ميمبرن چيو ته صوتي لحاظ کان اسان س — ص، ث، ت — ط، ا- ع ، ڪ- ق، ز- ذ، ض - ظ، گ- غ، وغيره ۾ فرق ڪري نه سگهندا آهيون، ان ڪري لپيءَ ۾ ساڳين صوتين وارا حرف شامل ڪرڻ بجاءِ ڪوبه هڪ ڪٽڻ گهرجي.

ٻيو مسئلو اهو اٿيو ته ورهين کان وٺي سنڌي تحرير جو انداز نستعليق رهيو آهي، اهو روا رکڻ گهرجي. جڏهن ته مسلمان ميمبرن جي راءِ هئي ته نسخ خط بهتر ٿيندو، جيڪو عربي جي ويجهو آهي.

موجوده صورتخطيءَ ۾ سڀ کان ٻه وڏا منجهائيندڙ مسئلا هئا / آهن، جن طرف جوڳو ڌيان نه ڏنو ويو. هڪ نقطن جو، جنهن لاءِ رچرڊ برٽن پنهنجي سفارشن ۾ واضح طور لکيو هو ته، جيڪڏهن عربي حرفن ۾ وڌيڪ ڪا ڦيرڦار ڪئي ويندي ته اهي حرف پنهنجو صوتي ڪارج وڃائي ويهندا ۽ انهن جي صورت عجيب ٿي ويندي، جنهن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ڏکيو هوندو(22). ڪاش! اڄ اسان وٽ برٽن صاحب جي ترتيب ڏنل پٽي سامهون هجي ها ته ڪنهن بهتر نتيجي تي پهچون ها! ٻيو هو وسرڳ حرفن جو مسئلو: يقيني طور برٽن ان لاءِ به ڪو واضح طريقو اختيار ڪيو هوندو، ڇاڪاڻ ته باوجود هزارن اختلافن جي اها ڳالهه مڃٽي پوندي ته هو پنهنجي دور جو هڪ وڏو عالم ۽ اسڪالر هو. ڪيس لسانيات جي بنيادي بابن جي به بهترين ڄاڻ هئي. ڪاميٽي ان مسئلي ۾ بلڪل منجهي پئي، بجاءِ ان جي ته ڪا عقل، علم ۽ فهم واري طريقي کي اختيار ڪجي ها، اڳين ڪاتبن پاران مقرر ڪيل منجهائيندڙ نشانين تي آڌار ڪندي وسرڳ حرفن لاءِ عجب جهڙو عقل کان عاري فيصلو ڪيو ويو يعني:

هڪ ته هندستان ۾ رائج طريقي مطابق بنيادي حرف سان ”ه“ ملائي وسرڳ حرف جوڙيا ويا. جيئن:

**جهه، گهه، لهه، مهه، نهه**

ٻيو ته بنيادي حرفن ۾ چار نقطا ڏيئي وسرڳ جوڙيا ويا جيئن:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**ڀ، ٽ، ڇ، ڦ**

ٽيون طريقو اهو اختيار ڪيو ويو تہ بنيادي حرفن تي ہ ٽپڪا ڏنا ويا، جيئن

**ڏ، ڍ، ٿ**

چوٿون طريقو وري بلڪل نرالو اختيار ڪيو ويو، جنهن مان ڄاڻي سگهجي ٿو تہ ڪاميٽيءَ جي نظر ڪيتري ڪوتاهہ هئي. اهو هو "ڪ" جو وسرڳ، جيتوڻيڪ سڄي هندستان ۾ اهو حرف "ڪ" طور سڃاتو پئي ويو، ان ڪي گدري مان گوبي ڪري خلق ڪلائي وئي.

مڪاني ڪاميٽيءَ **ف** ڪانپوءِ **ڦ** رکي. يعني اهو ف جو وسرڳ ٺهرايو ويو، جيڪو هڪ ٻيو غيرمنطقي فيصلو هو. جڏهن تہ ڦ وسرڳ آهي پ جو. حيرت ان ڳالهہ جي ٿئي ٿي تہ ان دؤر ۾، پوري هندستان ۾ فارسي "ط" بجاءِ حرفن مٿان چار نقطا ڏنا ويندا هئا. **ٽ، ڊ، ڙ،** ان خط ۾ ان دور جون مستند ڊڪشنريون شايع ٿيون. ڏسو جي ٽي پليٽس جي ڊڪشنري جا عڪس. ان خط ۾ مون هڪ ٻي ڊڪشنري ڏٺي. خود ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ پنهنجي ترتيب ڏنل ڀهرين رسالي ۾ اها ترتيب رکي آهي.


H کٿهڙا कठड़ा kaṭhṛā, s.m.=kaṭhṛā, q.v.
H کٿهکر कठकार kaṭhkar . . ]
H کٿهکڙ कठकड़ kaṭhkaṛ . ] [S. काष्ठ+गृह+कः],
H کٿهگڙهه कठगढ़ kaṭhgaṛh . ] s.m.=kaṭharā, or kaṭahrā, q.v.
H کٿهگهرا कठघरा kaṭhgharā ]

## هجي جو مسئلو:

صورتخطي تہ ٺهي ويئي، پر لفظن جي هجي لاءِ ڪي ہ قاعدا قانون نہ جوڙيا ويا، نہ وري اڄ تائين جوڙڻ لاءِ ڪا ڪوشش ٿي آهي. اسان پنهنجي ليکي اچار ڪري سمجهي ڪم ڪڍي وڃون ٿا. ٻين کي سمجهائڻ جو نہ سعيو اٿئون نہ اونو. هر ٻوليءَ ۾ غير مادري زبان (second language) جا طور طريقا مقرر ڪيا ويندا آهن، پر اسان وٽ اڃا تائين اوندهہ آهي. ان موضوع تي وري ہ شاٻس آهي محترم سائين ڊاڪٽر غلام علي الاناڪي جنهن ان ڏس ۾ ٿورو گهڻو ڪم ڪيو آهي. سندس ڪتاب سنڌي ۽ اردوءَ ۾ شايع ٿيل آهن.

ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کي ابتدائي درسي ڪتابن تيار ڪرڻ جو ڪم ڏنو ويو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ظاهر هو ته ڪين اهڙن ڪمن جو ڪوبه تجربو ڪونه هو. هنن وٽ ۾ وڌ ڪي درخواستون يا مضمون فارسيءَ ۾ لکيا هوندا.

سنڌي ٻوليءَ جو صوتياتي سرشتو گھڻو منجهائيندڙ آهي. ان لاءِ واسطيدار علم ۽ وڏي مشق جي گھرج آهي. اهي ٻئي شيون ميمبرن جي وس ۾ ڪين هيون. پوءِ هنن ورهين کان چالو عربي ۽ فارسي ٻولين جا صرفي ۽ نحوي قاعدا قانون سنڌي ٻولي مٿان لاڳو ڪيا، جيڪي ڪنهن به صورت ۾ موزون ڪين هئا. اهو هڪ عالمي لسانياتي قاعدو آهي ته هر ٻولي لاءِ الڳ صوتياتي ۽ صرفياتي قاعدا قانون هوندا آهن، جيڪي ان ٻوليءَ جا ڄاڻو سرشتي جو اونهو اڀياس ڪري جوڙيندا آهن.

هيٺ انهن مسئلن جي نشاندهي ڪجي ٿي، جيڪي ان وقت ويچار هيٺ آيا.

سن 1853ع ۾ انگريز سرڪار جي تعليم کاتي طرفان اسسٽنٽ ڪمشنر ايلس جي صدارت هيٺ جيڪا عالمن جي ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي، تنهن عربي – سنڌي اَلِف – ب جي ٻاونجاهه حرفن واري صورتخطيءَ کي مقرر رُوپ ته ڏنو، پر اُنهيءَ ڪاميٽيءَ لفظن جي هِجي يا اِملا لکڻ جا ڪي به اُصول تيار نه ڪيا. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو ته تعليم کاتي طرفان جيڪي سنڌي درسي ڪتابَ تيار ٿي ڇپايا ويا، انهن ۾ هڪ ئي لِکندڙ جي ڪتاب ۾ هڪ لفظ جون جُدا جُدا هِجيئون موجود هُيون. مثال طور، ننديرام ميراڻي سيوهاڻي، جيڪو 1853ع واري ڪاميٽيءَ جي ميمبرن مان هَڪُ هو ۽ جنهن ڪافي درسي ڪتاب لِکي تعليم کاتي طرفان ڇپائي پڌرا ڪيا، تنهن جي لکڻيُن ۾ به لفظن جون جُدا جُدا هِجيئون ملن ٿيون. ننديرام جو لکيل باب نامو (ٻاراڻو ڪتاب) سن 1853ع ۾ تعليم کاتي ڇپائي پڌرو ڪيو هو. اُن ۾ صفحي پهرئين تي صورتخطي ڏيئي، پوءِ ٻاويهن صفحن تائين سُرن جون ماترائون (زبر، زير، پيشُ وغيره) لڳائي مثال ڏنا ويا آهن. ان کان پوءِ، 23 کان 32 صفحن تائين، ننڍا ننڍا جُملا ڏنا ويا آهن. اُنهن مان هجيَنُ جا ڪجھ مِثال هتي ڏِجن ٿا:

| ننديرام جي باب نامي ۾ | هاڻوڪي هِجي |
|---|---|
| 1. پاڻَ سَان | پاڻ سان |
| 2. ڪِجي/ڪَجي | ڪَجي |
| 3. لاءِ/ لائي | لاءِ |
| 4. ٻَه پَهَري / ٻِه پهَري | ٻِپهَري |

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

| | |
|---|---|
| 5. ڇيُو / ڇئو | ڇيهو / |
| 6. مَڪتَب / مڪتَبَ ۾ | مَڪتَبَ ۾ |
| 7. پيُ / پيءُ | پيءُ |

ننديرام ڪيترن هنڌن تي ٻن لفظن کي گڏي هڪ لفظ وانگر لِکيو آهي، جن کي حقيقت ۾ جُدا ڪري لِکڻُ کپي جئين: نَڪَجي (نہ ڪجي)؛ هيڪجهڙي (هڪ جهَڙي) اُنِنکي (اُنَنِ کي، انهن کي)؛ اُنمان (ان مان) ڳچجيتَرِن (ڳچ جيترِن)

ننديرام حالت عام عدد جمع جي صورتن ۾، ڪن هنڌن تي آخِري حرف ساڪن لِکيو آهي تہ ڪن ٻين هنڌن تي ان هينيان زير ڏني آهي، اهڙي طرح او ۽ اُو سُرن جا اُچار لکڻ ۾ هِجي ۾ گهٽن لفظن ۾ ڪو بہ فرق نہ رکيو آهي. جيئَن تہ:

اُو: مُوڙي، پُورُو، پرُوڙَ

او: گهٽو، تُوڪي، وَڏو، ڏُوهُ

اِن طرح تعليم کاتي پاران ڇپايل سنڌي درسي ڪتابن ۾ هر هڪ لِکندڙ عالِم پنهنجي سمجهہ ۽ شخصي اُچارن مُطابق پئي لفظن جون هِجيئَون لِکيون.

## لفظن جون هِجيئون مُقرر ڪرڻ جي ضرورت:

سنڌ جي ايڊيوڪيشن اِنسپيڪٽر جيڪب (Jacob H.P)، سنہ 1988ع ۾ سنڌي درسي ڪتابن ۾ ۾ جڏهن ساڳيا لفظ جُدا جُدا هِجيئن ۾ لکيل ڏٺا، تڏهن هُن اِنهيءَ مسئلي تي عالِمن جي گڏجاڻي ڪوٺائي، اَهڙن لفظن جي هِجي مُقرر ڪرائي. پوءِ اَهڙن لَفظن جا چارٽ تيار ڪرائي سڀني اِسڪولن ڏانهن موڪليا ويا ۽ استادن کي هدايت ڪئي ويئي تہ ٻارن کي دُرُست هيجئون لکڻ سيکارين. اَهڙن لفظن جا ڪجهہ مِثال ڏسو:

| دُرُست هِجي | ڏار ڏار صورتون |
|---|---|
| جَڏِهن | جُڏِہ، جَڏہ، جَڏِهي، جڏِهين، جَڏين |
| ڪَنهن | ڪه، ڪَہ، ڪَنهين، ڪنهن، ڪَهي |
| جَنهن | جه، جَه، جَنهين، جَنهن، جهي |
| آءٌ | آنءُ، آئون، آئو |

اِنهيءَ حقيقت طرف سن 1897ع ۾ پادري شرٽ، مرزا صادق علي بيگ ۽ اُڌارام ٿانوَرداس پڻ ڌيان ڇڪايو هو. هُنن ڪئپٽن جارج اِسٽئڪ جي سنڌي- انگريزي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڊڪشنريءَ کي آڌار بڻايو (جيڪا ديوناگري- سِنڌي لِپيءَ ۾ هُئي ۽ بمبئي سرڪار 1855ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪئي هُئي). اُنهيءَ کي سُڌاري ۽ وَڌائي هُنن وڏي سِنڌي – اَنگريزي ڊڪشنري تيار ڪئي، جيڪا 1879ع ۾ سرڪار، تعليم کاتي طرفان ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌري ڪئي. اُنهيءَ ۾ سرڪاري طور تسليم ٿيَل ۽ نئين سِر مُقرر ڪيل عربي- سِنڌي صورتخطي ۾ سنڌي لفظن جون هجيئون لِکيَل آهن. ڊڪشنريءَ جا ايڊيٽر مهاڳ ۾ لِکن ٿا ته ”اَسين معافي گُهرون ٿا ته هِن ڊڪشنريءَ ۾ ڪيترن سِنڌي لفظن جون جدا جدا هجيئون ڏنيون ويون آهِن. چاهي اِهي هجيئن جا فرق گهٽا نظر ايندا هُجن ، پر هِن وقت اِنهن کي ڊڪشنريءَ مان هٽائي ڇڏڻ ممڪن نٿو لڳي، ڇاڪاڻ ته گهڻن ئي لفظن جا اَهڙا علحدا اُچار نه فقط ڳالهائڻ، ٻولهائڻ ۾ پيا اَچن، پر اِهي سڀ لِکيل ٻوليءَ ۾ پڻ داخل ٿي چڪا آهن. ممڪِن آهي ته لفظن جون اِهو سڀ مختلِف هِجيئن مان ڪِن جو استعمال لکت مان جيترو جلد ڪدي ڇڏجي، اوترو بهتر ٿيندو، پر هِن وقت اسين فقط اَنومان ڪري سگهون ٿا ته جدا جدا هجيئن مان ڪهڙيون هِجيئون وڃي آخِر ۾ قائم رهنديون ! هيءُ هِڪُ اهڙو سوال آهي ، جنهن کي 'وَرنيڪيولر لِٽريچر ڪاميٽي ' ۾ بحث جو موضوُع بڻائڻ گهُرجي: ۽ اُن بعد لِکندڙ کي فقط اُنهن هِجيئُن تائين پاڻ کي محدود ڪرڻ گهُرجي، جيڪي اُنهيءَ ڪاميٽيءَ دُرُست تسليم ڪيون آهن.“(23) انهيءَ ڊڪشنريءَ ۾ ڪنهن هِڪ لفظ جي جُدا جُدا هِجيئن جو هِڪُ مِثال هن ريت آهي:

اِتون، اِتُون، اِتان، اِتَهَن، اِتهنُ، اِتهُون، اِتهين، اِتئون، اِتئُون، اِتان، اِتانئون، اِتانئُون، اِتانئين، اِتون، اِتهُون، اِتهُون، اِتئُون.

## ٽيڪسٽ بوڪ رِويزن ڪاميٽي (Text Book Revision Committee):

بمبئي پريزيڊنسيءَ جي تعليم کاتي مِسٽر ڪاورنٽن جي صدارت هيٺ ويهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي ۾ ”ٽيڪسٽ بوڪ رِويزن ڪاميٽي“ جوڙي وئي، جنهن جو مقصد هو ته پرڳڻي جي ٻولِيُن سيڪارڻ لاءِ جيڪي درسي ڪتاب هلندڙ آهن، اُنهن تي نظرثاني ڪري، ضروري سُڌارا ۽ واڌارا ڪيا وڃن. اُن بعد نوان درسي ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪجن. انهيءَ سِلسِلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتابن لاءِ سِنڌ مان تعليم کاتي جو هڪ عالم ديوان پريمچند بمبئيءَ ويو. هن ٻين سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن ۽

تعليمدانن جهڙوڪِ مِرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙومل ڪلناڻيءَ ۽ پيرو مل مهر چند آڏواڻيءَ جي مدد ۽ صلاح سان نوان سبق لِکائي تيار ڪيا. اُنهيءَ ۾ هُن لفظن جي هِجيئن تي بہ گهڻو ڌيان ڏنو ۽ زيَرن زبرن ڏيڻ جو هڪ مُقرر سِرشتو عمل ۾ آندو. انهيءَ مُطابق نوان سُڌاريل سِنڌي درسي ڪتاب سال 1905ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا ويا، جيڪي پنجُٽيهہ ڪن سال لڳاتار هلندا رهيا. انهن ڪتابن ۾ گهڻائي بيت ۽ سبق پيرومل مهرچند آڏواڻي جا لِکيَل آهن.

لفظن جي هِجيئن مُقرر ڪرڻ جي لحاظ کان انهن ڪتابن ۾ حرفن تي ڏگهن سُرن اِي ۽ اُو جون ماترائون لِکڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جو طريقو اختيار ڪيو ويو. انهن ۾ زير لاءِ "ي" جي هيٺان ليڪ ۽ پيش لاءِ "و" جي مٿان پيش لِکيو ويو. جيئن تہ:

اِي: اِيسَ عِيدَ، ٻَڪِرِي، ڏِٽِي، ٻِلِي
اُو: اُونڌو، سُومَرُ، پُونِگڙا، اَکيُون، تُون.

ماترائون لِکڻ جو اِهو طريقو سن 1905ع کان اڳ پڻ واهپي ۾ هو، پر اُنهي سان گڏوگڏ گهڻيئي عربي فارسيءَ جا عالم سنڌي ٻوليءَ لکڻ لاءِ عربي-فارسي هِجيئُن وارو طريقو پڻ استعمال ڪندا هئا. اُن موجب لفظ جي شروعات ۾ انهن سُرن لکڻ لاءِ الف جي هيٺان زير يا مٿان پيش ڏنو ويندو هو ۽ لفظ جي وچ يا پڇاڙيءَ ۾ انهن سُرن جي اَڳيان ايندڙ حرفن جي هيٺان زير يا مٿان پيش جي ماترا لِکبي هئي. جيئَن تہ:

اي: اِيسَ عِيدَ، ٻَڪِرِي، ڏَٽِي، ٻِلِي
اُو: اُونڌو، سُومَرُ، پُونِگڙا، اَکِيُون، تُون.

سن 1905ع کان اڳ سنڌي درسي ڪتابن ۾ عربي فارسي هجيئَن وارو سرشتو وڌيڪ مُروج هو. پر سن 1905ع ۾ جيڪي نوان سنڌي درسي ڪتاب سرڪار ڇپائي پڌرا ڪيا، انهن ۾ سنڌي ماترائن وارو سِرشتو پسند ڪري، اُنهيءَ کي عمل ۾ آندو ويو.

شرٿ، اُڌارام ٿانورداس ۽ مِرزا صادِق علي بيگ واري سن 1879ع ۾ شايع ڪيل سنڌي- انگريزي ڊڪشنريءَ ۾ اِي ۽ اُو سُرَ ۽ اُنهن جون ماترائون عربي- فارسي نموني موجب لِکيلَ آهن، پر اُن کان پوءِ سن 1910ع ڌاري پرمانند ميوارام پنهنجي تيار ڪري ڇپايل سِنڌي- انگريزي ڊڪشنريءَ ۾ انهن سَرن ۽ ماترائن لاءِ سنڌي سِرشتو عمل ۾ آندو آهي. ٻئي طرف ڊاڪٽر هوتچند مُولچند گُربخشاڻيءَ، شاهہ جي رسالي جي مرتب ڪيل ٽن جلدن ۾ هِجيئُن جو عربي فارسي سِرشتو ڪتب آندو آهي. سندس



Shah Abdul Latif Bhitai chair

ڀيڙيون جُلد 1923ع ۾ ڇپيو هو.

## هِجيئُن ۾ وڏيڪ سڌارن جي ضرورت:

سن 1905ع ۾ ٽيڪسٽ بوڪ رِويزن ڪاميٽي طرفان ڇپايل ڪتابن ۾ پڻ ڪيترن لفظن جي هِجئُين ۾ گهڻتايون نظر آيون. انهيءَ ڪري سن 1913ع ۾ تعليمدانن ۽ سنڌي عالِمن جي مقرر ڪيل ڪاميٽيءَ اهڙن لفظن جي لسٽ تيار ڪئي، جيڪي جدا جدا نموني يا غلط هجيئُن سان پئي لکيا ويا. اُنهن جي دُرست هِجي مُقرر ڪري، انهيءَ مطابق لفظن جي لکڻ لاءِ سفارش ڪئي ويئي. اهڙيون فهرستون ”اخبار تعليم“ جي اَپريل 1913ع واري پرچي ۾ شايع ڪيون ويون. انهن فهرستن مان ڪجهه مثال خاطر هِتي ڏجن ٿا:

| غلط | صحيح |
|---|---|
| اونڌائي | اونداهي |
| ڏهاٽي | ڏِهاڙي |
| پروا | پَرواهه |
| ٽيو | ٽيون |
| هُوا | هُئا |
| مُک | مُکيه |
| ڄٽان | ڄٽا |
| بدماش | بدمعاش |
| ڇَهبڪ | چابُڪ |
| پڙدو | پردو |

اهڙين دُرست هجيئُن وارين فهرستن کان پوءِ پڻ هجيئُن جا ٻيا مسئلا عالمن جي ڌيان تي آيا. انهيءَ ڪري انهن تي ويچار ڪرڻ لاءِ اُن وقت جي ايڊيوڪيشن اِنسپيڪٽر، ڪاميٽي مقرر ڪئي، جنهن ۾ مُکيه ميمبر مرزا قليچ بيگ هو. اُن ڪاميٽي طرفان پڻ ڪِن لفظن جي هجيئُن ۾ دُرستُين جي سِفارش ڪئي ويئي. جيئن ته:

| مقرر صورت | ڌار ڌار صورتون |
|---|---|
| آءٌ | آءٌ، آئون |



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

| | |
|---|---|
| ڪيائون | ڪيانءُ، ڪيائوُن |
| ڪُلف | ڪُرف، ڪُلُف، قُفل |

## سنڌ جي بمبئي کان علحدگيءَ کان پوءِ جي صورتحال:

اَپريل 1936ع ۾ سنڌ کي بمبئيءَ پريزيڊنسيءَ کان جدا ڪري الڳ صوبو بڻايو ويو. سن 1938ع ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، سنڌ جي تعليم کاتي جو ”ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن“ مقرر ٿيو. هُو سنڌي سان گڏ، عربي، فارسي ۽ انگريزي جو وڏو عالم هو. هن جڏهن ڏٺو ته سنڌي درسي ڪتابن ۾ اِي ۽ او سُرن جي اُچارن ۾ ”ي“ هيٺان زير ۽ ”و“ مٿان پيش لڳايو ويو آهي ته اِها ڳالهه ڪيس نه وڻي. هن سال 1940ع جي شروعات ڌاري پهرين درجي کان وٺي چوٿين درجي تائين مقرر ٿيل سنڌي درسي ڪتاب نئين سر ڇپائي پڌرا ڪيا. اُنهن ۾ دائود پوٽي عربي فارسي هِجيئن جي قاعدي موجب سنڌي لفظن ۾ سڌارا ڪري ”اي“ ۽ ”اُو“ سُرن جي لِکڻ ۾ ڦير ڦار ڪر ماترائن ڏيڻ وارو عربي فارسي سرشتو عمل ۾ آندو، جنهن جا مثال هن کان اڳ ڏنا ويا آهن. نه فقط ايترو، پر ڪيترن لفظن جي صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي عبارت پڻ عربي- فارسي آميزش واري ڪري ڇڏيائين. اِنهيءَ جو مثال سنڌس ڪتاب ”ابيات سنڌي“ (ڇاپو 1939ع) آهي، جنهن ۾ خواجا محمد زمان لواريءَ جو ڪلام ڏنل آهي. اهو ڪتاب سال 1941- 1940ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جي بي.اي ۾ سنڌي مضمون پڙهندڙن شاگردن لاءِ درسي ڪتاب طور مُقرر ڪيل هو. ڊاڪٽر صاحب اهي فيصلا گهڻو تڻو اڪيلي سر پاڻ ئي ڪيا. ان دوران ڊاڪٽر گربخشاڻي سان به سندس اختلاف اڀري آيا. تعليم جي اعليٰ عملدار جي حيثيت ۾ هن اهڙا فيصلا پاڻ ئي ڪيا. ڊاڪٽر دائود پوٽي جي اِنهيءَ هلت تي سنڌ جي گهڻن ئي تعلمي مدانن ۽ سنڌي عالمن ۾ رنجش پيدا ڪري ڇڏي.

## آزادي کان پوءِ عربي- سِنڌي صورتخطي هجيئُن جا ٻه سرشتا:

سنڌي هندو تعليمدان ۽ اديب، جيڪي ڀارت لڏي ويا تن ڀارت ۾ شاگردن لاءِ نئين سر سنڌي درسي ڪتاب ڇپايا. انهن ۾ هجيئُن جو اهو سنڌي سرشتو قائم رکيو ويو، جيڪو سنڌي درسي ڪتابن ۾ 1905ع کان وٺي 1940ع تائين هلندو پئي آيو. ٻئي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

طرف سِنڌ ۾ عربي- فارسي طريقي سان هجيئن لکڻ جو اُهو طريقو، جنهن کي ٻيهر واهپي ۾ آڻڻ لاءِ 1940 ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي زور ڏنو هو، اختيار ڪيو ويو. ٻنهي سِرشتن ۾ فرق صرف "اي" "او" سُرن لِکڻ ۽ وينجنن تي اِنهن سُرن جي ماترائن لِکڻ جي طريقي ۾ آهي.

هجي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام وڏو ۽ اهم مسئلو آهي. ان تي ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي تمام سٺو ڪم ڪيو آهي، پر ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته صوتيات جي جديد اصولن مطابق ان موضوع تي وڌيڪ گهرائي ۽ تفصيل سان ڪم ڪرڻ گهرجي.

## لپيءَ بابت ويچار:

هن موضوع تي اسان ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن ۽ اسڪالرن جا رايا پيش ڪري آيا آهيون. منهنجي ذاتي راءِ آها آهي ته ڳالهائجندڙ ٻولي لامحدود اظهار رکي ٿي. ان ۾ حالتن پٽاندر ڪيئي لاها چاڙها ايندا رهن ٿا. انهن سيني اظهارن ۽ رَوين کي محدود ۽ مقرر ڪيل لپي وسيلي بيان نه ٿو ڪري سگهجي. تمام گهرائيءَ سان ڏسبو ته هڪ طرح هر ماڻهوءَ جي پنهنجي ٻولي، پنهنجي لغت (Diction) هجي ٿي، جيڪا محدود صوتين (Phoneme) وسيلي اظهاري نٿي سگهجي. مختلف آوازن جا اچار ۽ ڊار فطري ماحول ۽ هزارين سالن جي تجربي کان پوءِ ڪا مقرر صورت وٺن ٿا. ٻوليون جڏهن آزاد ۽ فطري ماحول ۾ ڳالهائجن ٿيون ته ان ۾ قدرتي حسن لئي، ترنم ۽ موسيقيءَ جا جزا پاڻمرادو شامل ٿي وڃن ٿا، جن ۾ مڪاني ماڻهن لاءِ وڏي ڪشش هجي ٿي. بلڪ ائين چئجي ته انهن جي لهرن جي فريڪيونسي مڪاني ماڻهو جي رت جي سرڪيوليشن واري فريڪيونسيءَ سان رچي وڃي ٿي. جڏهن اسان ڪا ڳالهه اثرائتي انداز ۾ ڪندا آهيون ته ٻڌندڙ جا لڱ ڪاندارجي ويندا آهن يا سريلي آواز تي ماڻهو مست ٿي ويندا آهن، اها کهڙي خاصيت آهي. ان کي اوهان جيڪو به نالو ڏيو، پر اهي آواز سڌو سنئون اسان جي رت ۽ دماغ تي اثر ڪن ٿا، جن جا مظهر / روپ اسان کي ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

قديم زماني ۾، اسان جا آواز کهڙا هئا. اسان، ا-ب-ت-س ش- ڳ گ-ڱ پ-ٿ-ڪ-ڏ-م-د-ن و- ي وغيره کهڙي ريت ۽ ڊار سان اُچاريندا هئاسين، اڄ اسان ان

ڪان بي خبر آهيون. اسان کي اها بہ ڄاڻ نہ آهي تہ اهي جڏهن آلاپيا هئا تہ ٻڌندڙ تي ڪهڙا اثر ڇڏيندا هئا. اسان جي ان موسيقيءَ سان ڪهڙي ريت ماڻهو موهت ٿيندا هئا. هن وقت اهي سڀ تصوراتي ڳالهيون پيون لڳن، پر مون کي پڪ آهي تہ اهڙو دؤر ايندو جو اسان پنهنجو پراڻو ورثو ڳولڻ ۾ڪامياب ٿي ويندا سين. افسوس اهو آهي تہ موهن جي دڙي جي ڄمار وارن ٻين آثارن جون ٻوليون بہ پڙهجي ويون ۽ ان دؤر جي حقيقي سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ جا عڪس بہ اڀري ويا، پر اسان هت مسلمانيءَ ۾ منجهي پيا آهيون. 60 واري ڏهاڪي ۾ آرڪيالاجيءَ جي ڊائريڪٽر جنرل جا اهي اکر رڪارڊ تي آهن تہ، ”موهن جي دڙي کي خدا نيست نابود ڪيو آهي. ان لاءِ اسان ڇا ٿا ڪري سگهون.“ جيڪڏهن ان درجي تي ڪم ڪندڙن جي سوچ اها هجي تہ انهن مان ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي. ان لاءِ بہ اسان کي پاڻ ڪجهہ ڪرڻو پوندو. تازو ميڊم ڊاڪٽر فهميده حسين، جيڪا هن وقت سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ جي چيئرپرسن آهي ۽ لسانيات جي فن جي ماهر پڻ آهي، ان ٻڌايو تہ ايندڙ مالي سال 2010-2011 ۾ اٿارٽيءَ لاءِ هڪ پراجيڪٽ منظور ٿيو آهي، جنهن ۾ سائنسي حوالي سان آوازن جي ٻيهڪ، ڍار، لهجي جو اڀياس ڪري سگهبو. اها ڪوشش اسان جي هن مقالي ۾ پيش ڪيل اميدن طرف پهرين وک ثابت ٿيندي.

جيتوڻيڪ هاڻي زمانو تمام گهڻو ترقي ڪري ويو آهي. خاص طور اليڪٽرانڪ ميڊيا عام ماڻهن تي وڏا اثر ڇڏيا آهن. پوءِ بہ اميد جو ڪرڻو اڃا بہ نظر اچي ٿو. ليباريٽري ٺهڻ ڪانپوءِ اسان کي ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ ڪولهين، باگڙين، اوڏن وغيره سان لهہ وچڙ ۾ اچڻو پوندو. وٽن اڃا بہ سنڌي ٻوليءَ جا خالص آواز موجود آهن. انهن جي آڌار تي اسان کي سائنسي انداز ۾ سنجيدگيءَ سان ڪوشش ڪرڻي پوندي، جنهن لاءِ خاطري آهي تہ سٺا نتيجا نڪرندا.

سنڌ اڄ بہ سُڃيت ۽ مٽيا وارن مهندارن سان ڀري پئي آهي. تازو منهنجي هڪ 75 سالن جي عالم سان ملاقات ٿي. سندس نالو صلاح الدين قريشي آهي. هو ڊفينس ۾ رهي ٿو. سنڌ ۾ اهم سرڪاري عهدن تي رهيو آهي. سندس اولاد بہ پڙهيل ۽ هن وقت اهم سرڪاري عهدن تي تي فائز آهي. قريشي صاحب کي ”پالي ٻولي“ (Pali Language) جي تمام سٺي ڄاڻ آهي. هو ان جي سکيا لاءِ سري لنڪا بہ ويو هو. ڪيس عام پڙهڻ سان گڏ، ان جي گرامر جي بہ سٺي ڄاڻ آهي. پاڻ ان تي ڪم ڪري رهيو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي.

پالي ٻولي اصل ۾ قديم سنڌي ۽ جديد سنڌيءَ کي سمجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي . ان ٻوليءَ سان سنڌيءَ جو گهڻو ويجهو رشتو رهيو آهي. ڪو زمانو هو، عيسوي سن کان اٺ، ڏهه سؤ سال اڳ، ان ٻوليءَ جي اهميت اها هئي، جيڪا ڪنهن زماني ۾پارسيءَ جي هئي. سنڌ سميت ڏکڻ ايشيا، وچ ايشيا ، افغانستان، ايران جي ملڪن جي سرڪاري ۽ علمي ٻولي هئي. ٻڌ ڌرم وارن ان کي پنهنجي مذهبي ٻولي قرار ڏيئي، ان جي ڦهلاءَ لاءِ وڏ ۾ وڏ ڪوششون ورتيون ۽ ٻڌ ڌرم جتي جتي ويو. اها ٻولي اتي پهتي. هن وقت بہ سريلنڪا ، ڀوٽان، ٿائليند سميت ڪيترن هنڌن تي ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي.

ان ٻوليءَ لاءِ ڪاڪو ڀيرومل پنهنجي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾"پاليءَ جا سنڌي ۾ نشان" جي سري هيٺ لکي ٿو تہ، "پالي ٻولي جي اچارن ۾ هڪ مکيہ ڳالهہ جا گهڻو ڌيان ڇڪي ٿي، سا هيءَ آهي تہ جن سنسڪرت لفظن ديتہ يعني ٻٽا اکر يا گڏيل حرف صحيح آهن، تن جا اچار پاليءَ ۾ يجي يا ملي هڪ روپ ( Assimilate) ٿي ويا آهن، مثلاً سنسڪرت "سپت" پالي "ست" سنڌيءَ ۾ بہ ڇئون "ست"، پر هندستاني چون "سات"- ڏسو اسان جا اچار بجنسي پالي وارا بيٺا آهن. سنسڪرت "ڌرم" پالي "ڌم" ڌمن مل، ڌمي ٻائي، سنسڪرت "پريم" پالي "پيم" پيوي ٻائي نالي ۾ پيوي نج لفظ پيمي (پريمي) آهن، جنهن ۾ "م"کي مٽي "و" ڪيو اٿئون. سنڌ جي ڪن ڇوڪرين جو نالو "ميمي" اهو بہ اصل پالي لفظ آهي. اهڙي طرح سنسڪرت "للاٽ" جو سنڌي اچار "نرڙ" آهي ڊاڪٽر ڀنڊارڪر ڄاڻايو آهي تہ اٽڪل روءِ پاليءَ ۾ پنجن مان ٽي پتيون لفظ سنسڪرت آهن، باقي ٻن پتين ۾ بہ رڳو ٿوري تبديلي معلوم ٿئي ٿي. ٻنهين ٻولين جي وياڪرڻ جي ڀيٽ ڪبي تہ معلوم ٿيندو تہ پالي مان "دووچن" (Dual) نڪري ويو آهي. اسمن جي حالتن ۽ فعلن گردانن ۾ بہ ٿورو ڦير آهي. مطلب تہ سنسڪرت کي جهڙو پالي ٻولي ويجهو آهي، تهڙي ٻي ڪابہ پراڪرت ٻولي ويجهي ڪانهي. حقيقت ۾ پراڪرت، نالو ئي انهن ٻولين تي پيل آهي، جي پالي کان وڌيڪ بگڙيل هيون، جنهن صورت ۾ گوتم ٻڌ پنهنجو پرچار پالي ٻوليءَ ۾ ڪيو هو ۽ ٻڌ ڌرم وارن جا ڌرمي پستڪ ان ۾ لکيل آهن، تنهن صورت ۾، پالي ٻولي ٻڌ ڌرم وارن جي پوتر ڀاشا يا پاڪ ٻولي ٿي ۽ ان جو مرتبو ٻين پراڪرتن کان مٿي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ليڪجڻ ۾ آيو. (24)

بهرحال بقول پروفيسر ڪلٽائي جي، سياسي ۽ انتظامي فيصلن تي آڌار رکندڙ موجوده صورتخطي ڏيڍ سؤ سالن کان استعمال هيٺ آهي ۽ سنڌي سماج جي علمي ضرورتن جو پورائو ڪري رهي آهي ته پوءِ بقول سائين ابراهيم جوئي جي، ان سان هٿچراند ڪرڻ انتهائي خطرناڪ ٿيندو.

حقيقت اها آهي ته هن وقت تائين منهنجي جيڪا محدود ڄاڻ آهي، ان آڌار تي عرض ڪندو هلان ته ڪابه اسڪرپٽ 100 سيڪڙو صحيح ڪانهي، هر اسڪرپٽ ۾ لاتعداد خاميون آهن، جيڪي ڌارئي پڙهندڙن کي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، مثلاً خود عربي زبان ۾ لفظ مٿان شد اچڻ ڪري اڳيان سپ حرف حذف ٿي ويندا. مثلاً ڪُرسيهُ السّمٰوات ۾ هُسماوات پڙهبو"ال" حذف ٿي ويندا. تعبُدُو الشطين ۾ دُشيطان ڪري پڙهبو اتي "واال" سپ حذف ٿي ويندا. اَن نّبدِل اتي اڳيون "ن" نه پڙهبو. سورت رحمان ۾: في شان ه، الثقلانِ زو جلٰن ِه آخري آواز سيني جو هڪ ٿيندو. اهڙا سوين لفظ آهن، جن جي درست پڙهڻ لاءِ عربي قاعدا اڳيان رکڻ پوندا، ان ڪانسواءِ صحيح تلفظ اچاري نه سگهبو، ان ۾ به ڪو شڪ نه آهي ته عربن اهڙن لفظن جي پڙهڻ لاءِ تجويد جا عاليشان قاعدا ترتيب ڏنا آهن، جيڪي عرب توڙي عجم ۾ پاڙهيا وڃن ٿا. ساڳيءَ طرح فارسيءَ ۾ به ڪي حرف حذف ڪرڻا پوندا آهن. لکبو "خود"، پڙهبو "خذ"، لکبو"خواب" پر پڙهبو "خاب"، لکبو "ڪارروائي" پڙهبو ڪاروائي". انگريزي الفابيٽ ته بنهه اوکي آهي. ماهر لسانيات ۽ جديد صوتيات جو عالم فرٿ Firth لکي ٿو ته:

> "Our English alphabet and orthography are disgracefully
> and almost ridiculously imperfect. "(2)

ان ۾ ڪيترا لفظ اڳ ۾ توڙي وچ ۾ حذف ٿي ويندا آهن. جيئن Talk- walk- psychology ،Foreign وغيره. ڪ جي آواز لاءِ وٺن Kite k, cat-c, q-quickly, ch-Mechanic -occasion-cas, س لاءِ به ڪم اچي ته "ڪ" لاءِ Success -ش لاءِ به وٺن ڪي ڇهه ست نرالا قاعدا آهن. جيڪي انگريزي خواندن کي خوب اچن ٿا. هو حروف علت مان الڳ الڳ ڪم وٺن ٿا. "a" الف ۽ "ء" توڙي "ي" لاءِ به ڪم اچي ٿي. جيئن Van, Bank, Fan وغيره الف لاءِ a, e, i, o,u استعمال ڪن ٿا. ان الفابيٽ ۾ سوين ڳالهيون سمجهڻ کان وڌيڪ ياد ڪرڻيون پون ٿيون جيڪي هڪ لحاظ کان سنڌيءَ کان ته

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وڏيڪ ڏکيون آهن، پر پوءِ به دنيا جي تمام گهڻن ملڪن ۾ اهڙين ڏکيائين باوجود، ماڻهو پڙهن ٿا، ياد ڪن ٿا ۽ ان تي عبور حاصل ڪريو، مالي فائدن سان گڏ، عزت ۽ اعليٰ درجا ماڻن ٿا.

مٿي ڏنل وچور جو مقصد اهو آهي ته صورتخطيون ايتريون سوليون به نه آهن. انهن جي سکڻ لاءِ شوق ۽ ڪجهه سبب گهرجن. اڄ دنيا ۾ ڪوڙ ماڻهو هڪ ئي وقت 10 – 15 زبانون آسانيءَ سان ڳالهائن ٿا، سمجهن ٿا ۽ لکن ٿا. واسطيدار ملڪن ۾ وڃي مالي فائدا حاصل ڪن ٿا.

جيڪڏهن صورتخطين جي اهڙي صورتحال آهي ته پوءِ اسان ڇو ڪشٽ ڪيون ۽ هڪ تهيل تڪيل ۽ عام استعمال هيٺ لپيءَ جو تبديليون ڪيون؟

مان پنهنجي محدود علم ۽ تجربي جي آڌار ايئن چوڻ ۾ ڪابه هٻڪ محسوس ڪونه ٿو ڪريان ته صورتخطيءَ سان هٿ چراند ڪجي. اهو ڪو معمولي عمل ڪونهي، لکين ماڻهو ان عمل کي قبول ڪونه ڪندا. ڪين اصل مقصد سمجهائڻ ايترو سولو به نه آهي. ان صورتحال هوندي به ڪي ڪم ڪري سگهجن ٿا. جيئن ته!

الف- وسرڳ حرفن لاءِ ڪو هڪجهڙو طريقو جوڙڻ گهرجي!

ب- ڪ کي عام صوتئي مطابق ان جو ملهه مقرر ڪجي.

ت- نون غُني جي ڪا واضح صورت ٺاهڻ گهرجي.

ث- علت وارن حرفن خاص طور ڌگهن "سرن" بابت نئين سر سوچڻ گهرجي.

ج- سنڌي ٻوليءَ جي لهجي، ڊار مطابق بيهڪ جون ڪجهه نيون نشانيون جوڙڻ گهرجن.

ٻولين جي اسڪرپٽ ۾ واڌارا ۽ سڌارا ممڪن هوندا آهن. ان ۾ ڪابه عيب جهڙي ۽ اٽتيٽي ڳالهه نه آهي. مثلاً عربن پنهنجي اسڪرپٽ ۾ و ۽ ف مٿان ٽي ٽبڪا ڏيئي نوان صوتيا و، ڦ ٺاهيا آهن. ان ڪان علاوه ننڍي کنڊ ۾ جڏهن ڪلڪتي جي فورٽ وليم ڪاليج ۾ عالمن جي گڏجاڻيءَ ۾ فيصلو ٿيو هو ته مڪاني حرفن جي هڪجهڙائي لاءِ ڙ-ڏ-ٽ تي چار نقطا ڏنا ويندا. ان تي عمل به ٿيو. مٿي مثال پيش ڪري آيا آهيون. فارسي طرز تي لکجندڙ سيني ٻولين اردؤ سميت اهو طريقو اختيار ڪيو. سنڌي لاءِ به ساڳيو طريقو اختيار ڪيو ويو، جنهن جو موجوده اسڪرپٽ ڪان به اڳ عبدالرحيم عباسيءَ استعمال ڪيو. جنهن جي صحبت ۾ وري ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پنهنجي رسالي لاءِ ساڳيو طريقو اختيار ڪيو. جيتوڻيڪ 1853ع ۾ سرڪار طور الف-ب مقرر ٿي چُڪي هئي، پر پوءِ بہ ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي شهر لپزگ ۾ فائونڊري مان سنڌي نوان لفظ جوڙايا. جيتوڻيڪ ان رسالي جي ڇپائيءَ لاءِ فنڊ سرڪار ڪيس فراهم ڪيا هئا، پر ڊاڪٽر صاحب 1866ع ۾ بہ انهن حڪمن جي پرواهہ نہ ڪئي ۽ مختلف اسڪرپٽ جوڙي ان ۾ رسالو شايع ڪرايائين، جنهن تي هن ڪي وڏيڪ خرچ پنهنجي هڙان ڪرڻو پيو. ان لاءِ وٽس دليل اهو هو تہ شاهہ سائين جو پيغام اهڙي لپيءَ ۾ رکجي جيئن پوري هندستان جا ماڻهو پڙهي سگهن.

| سنڌي الف-ب | | | |
|---|---|---|---|
| هاٿوڪي | ٺمپواري | هاٿوڪي | ٺمپواري |
| ڀ | بھ | ڍ | ڍھ |
| ٿ | تھ | ڦ | پھ |
| ٽ | ٽ | ک | ک |
| ٺ | ٺھ | ڪ | کھ |
| ڃ | نج | ڳ | گ |
| ڄ | چھ | ڱ | نگ |
| ڏ | دھ | م | مہ |
| ڌ | ڎ | ڻ | ث |
| ڊ | ڏ | ۾ | مين |

اردو ٻوليءَ جي محسن مولوي عبدالحق محسوس ڪيو تہ نستعليق خط لاءِ چئن ٽڪن جو اهو طريقو سٺو ثابت نہ ٿيندو. ان لاءِ هن پنهنجي جامع انگريزي اردو ڊڪشنريءَ ۾، جنهن جي ابتدا هن هندستان ۾ ڪئي هئي ۽ اختتام هتي ڪراچي ۾ ڪيو، ان ۾ هن چئن ٽڪن بجاءِ بہ ٽڪا ڏيئي مٿان هلڪي ليڪ ٿي ڏني. ڏسو ان ڊڪشريءَ جي ڪن لفظن جا عڪس:

ئي غلط ٿي. ان دؤر ۾ وڏو وزير ڄام صادق هو، جنهن سنڌي ادارن توڙي ترقياتي رٿائن ۾ ڪا دلچسپي نہ ورتي.

جڏهن ٺهراءُ پاس ٿيو تہ اٿارٽيءَ بجاءِ ان کي "سنڌي لينگويج بورڊ" طور منظور ڪيو ويو. بعد ۾ اٿارٽي ٺهي، جيڪا پڻ بنيادي ڪم ڪرڻ بجاءِ پبلشنگ جو ادارو ٿي ويئي. 90ع کان وٺي اڄ 2010ع تائين اٿارٽي ڪوبہ مستند گرامر ڪونہ شايع ڪيو آهي، نہ وري سنڌي صوتيات تي ڪو معياري ڪتاب پڌرو ڪيو آهي. نہ وري لفظن جي درست هجي مطابق ڪا مستند لغت تيار ڪئي آهي.

سنڌي ٻوليءَ کي بااثر بنائڻ لاءِ ڪجھ گذارشون، ڪي ڳالهيون اسان مٿي عرض ڪري آيا آهيون، جن تي عمل ڪرڻ سان سنڌي ٻوليءَ ۾ سڌارو اچي سگهي ٿو. باقي ڪي بنھ خاص هيٺ ڏجن ٿيون.

1- سنڌي ٻوليءَ کي اسيمبليءَ ذريعي بل پاس ڪري سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحانن لاءِ لازمي قرار ڏجي.

2- صوبي اندر نائين ۽ ڏهين درجي لاءِ لازمي مضمون طور ايڪٽ پاس ڪرائجي ۽ ان جي تدريس تي جوڳو ڌيان ڏجي.

3- انگريزن جي دور کان KPT، پوليس ٿاڻن، عدالتن توڙي روينيو جي ڪاتن جي ٻولي سنڌي هئي. اتي فارم وغيره سنڌيءَ ۾ ڇپيا هئا، جيڪي هاڻي بنا سبب جي تبديل ڪيا ويا آهن. ان جو هڪ سبب اهو آهي تہ انتظاميا کي اپاءَ نہ ٿي وٺي ۽ وري واهپي وارا بہ ان جو ڪو نوٽيس نہ ٿا وٺن. ان لاءِ اٿارٽي يا واسطيدار ڪاتا ڪي اپاءُ وٺي سگهن ٿا.

4- سنڌي ٻوليءَ کي ترقي وٺرائڻ لاءِ ضروري آهي تہ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي ٻن درجن (Standards) جا امتحان شروع ڪرايا وڃن:

الف- ميٽرڪ کان مٿاهون جونيئر ڪورس (غيرمادري زبان لاءِ) اهو پاس ڪرڻ جي صورت ۾ سنڌ حڪومت جي ملازمن کي هڪ انڪريمينٽ ڏني وڃي.

ب- گريجوئيشن سطح جو سينئر ڪورس (غيرمادري زبان وارن لاءِ) اهو پاس ڪرڻ جي صورت ۾ سنڌ حڪومت جي ملازمن کي هڪ گريڊ ترقي ڏني وڃي.

5- اسان، جن جي مادري زبان سنڌي آهي، اهي قومي جذبي خاطر آمدنيءَ جو هڪ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪان پنج سيڪڙو ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ وقف ڪريون. جن مان پنهنجي پسند جا سٺا ڪتاب وٺون، ٻوليءَ بابت ڪم ڪندڙن ۽ ادارن جي سهائتا ڪريون.

## حوالا


1. الانا غلام علي ڊاڪٽر – ”سنڌي صورتخطي“ سنڌي زبان پبليڪيشن، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون 1969ع ص:35.
2. Ellis B.H, "Report on Education in Sindh" Society Press, Bombay 1855. P:5.
3. Aitken E.H. 'Gazetteer of province of Sindh Report 1986. Ahmed Brothers Printers, Karachi- P: 473.
4. مرليڌر جيٽلي ڊاڪٽر ”سنڌي ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ“ نيو دهلي، 1999ع،ص:156.
5. Aitken E.H. 'Gazetteer of province of Sindh Report 1986. Ahmed Brothers Printers, Karachi- P: 473.
6. Aitken E.H. 'Gazetteer of province of Sindh Report 1986. Ahmed Brothers Printers, Karachi- P: 475.
7. Abid, P:476.
8. Abid P: 476.
9. Siddiqui Habibullah Education in Sindh Past and Present, Institute of Sindhology, 1987, P:183
10. آڏواڻي ڀيرو مل مهر چند“ سنڌي ٻولي جي تاريخ“ ادبي بورڊ ڇاپو ٽيون 1972 ص- 261.
11. الانا غلام علي ڊاڪٽر ”سنڌي صورتخطي“ سنڌي زبان پبليڪيشن، حيدرآباد ڇاپو ٽيون 1969ع ص 36- 37.
12. ندوي سيد سيلمان ”معارف“ اعظم ڳڙه جلد نمبر 58- 1943 ٽماهي مهراڻ 1967جو چوٿون شمارو - سنڌي ادبي بورڊ ص135 — 136.
13. مرليڌر جيٽلي ڊاڪٽر ”سنڌي ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ“ نيو دهلي 1999ع رپورٽ جي ٽڪرن جو ترجمو، ص:200.
14. حوالو ساڳيو ص: 206 (مرليڌر جيٽلي).
15. ميمڻ محمد صديق، ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌلاجي، ڇاپو چوٿون 2000ع، ص- 190.
16. آڏواڻي ڀيرومل مهر چند، ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ ، سنڌي ادبي بورڊ ڇاپو ٽيون، 1972ع، ص- 261.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

17. مرليڌر جيٽلي ڊاڪٽر ”سنڌي ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ“ نيو دهلي 1999ع، ص- 163.
18. مرزا قليچ بيگ “ سائو پن ڪارو پن”، سنڌي ادبي بورڊ، 1988ع ، ص- 14-15 .
19. Mazahar Yousuaf ”Selected Writings of Mazahar Yousuaf“ Institute of Sindhology 2008, P: 17
20. ميمڻ محمد صديق، ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ڇاپو چوٿون انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سال 2000ع ص. 14.
21. برٽن رچرڊ ”سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون“ سنڌي ادبي بورڊ، 1971ع ص. 145.
22. مرليڌر جيٽلي ڊاڪٽر ”سنڌي ٻولي جو سرشتو ۽ لکاوٽ”، نيو دهلي، 1995 — ص 179-180.
23. ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي، ”سنڌي ٻولي جي تاريخ“ سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٽيون 1972ع ص 46-47.
24. الانا غلام علي ڊاڪٽر، ”سنڌي صورتخطي“ ص 7.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair